## اداريو:

اسلام جي بقا ۽ اشاعت ۾ اولياءِ ڪرام جو ڪردار روشن تاريخ جي صورت ۾ اسان آڏو موجود آهي. اهي عظيم انسان نہ صرف عبادت ، زهد ۽ تقويٰ ۾ ڪمال درجو رکندڙ هئا، پر عملي زندگيءَ ۾ انهن دين جي سچي خدمتگار طور پنهنجي پاڻ کي هر وقت پيش رکيو. پنهنجي زهد، اخلاص، محبت ۽ بي لوث خدمت سان نہ صرف لکين ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو، پر انهن جي خيرخواهي ڪندي ڪين ڪفر، شرڪ ۽ گمراهي جي ڪُن مان ڪڍي اسلام ۽ ايمان جي نور سان روشناس ڪرايو.

اولياءِ ڪرام جي حوالي سان جڏهن بہ ڳالهہ ٿيندي تہ انهن سڀني ۾ سرفهرست حضرت سيدنا غوث الاعظم عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جي شخصيت هوندي. طريقت جا سڀئي سلسلا ڪنهن نہ ڪنهن ريت ساڻن لاڳاپيل آهن. جن پنهنجي علم، عمل ۽ تبليغ سان لکين مسلمانن کي دين جي حقيقي روح کان آشنا ڪيو. سندن درسگاهہ توڙي درگاهہ هزارين ، سالڪن ۽ طالبن جي تربيتگاهہ هئي، جتان توحيد ۽ عشق رسول صلي الله عليه وسلم جا سهڻا سبق مليا.

ساڳيءَ طرح بر صغير ۾ ، امام العارفين حضرت پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله عنه ، قادري طريقي موجب اسلام جي تبليغ و اشاعت ۽ لکين طالبن جي تربيت ڪئي. سندن خانقاهہ مبارڪ اڄ بہ علم، عرفان ۽ روحانيت جو مرڪز آهي. جتان ماڻهن کي قرآن و سنت جي تعليم ۽ گڏ و گڏ روحاني تربيت ملي ٿي.

هن وقت جڏهن مسلم امۃ انتشار ۽ غفلت جو شڪار آهي، تڏهن اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ اولياءِ ڪرام جي زندگي مان راهنمائي حاصل ڪجي، سندن اخلاص، خدمت، قرباني ۽ دين سان سچائي کي پنهنجو شعار ۽ شيوو بنائي دين مبين جي خدمت ۽ اتحاد امت جي لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ۽ ڪوششون ڪم آڻڻ گهرجن ۽ اولياءِ ڪرام جي پاڪيزه تعليمات کي عام ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

## رَاشِدُ التَفاسِير

### قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (39)

### از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره

**پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا. ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته ”پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن“ جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان ”راشد التفاسير“ رکيو ويو آهي.**

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ (المائده : ٢٣)

(پوءِ توڪل ڪريو جيڪڏهن اوهان مؤمن آهيو.)

هن آيت ۾ ايمان جي لاءِ شرط ڪيل آهي تہ توڪل ڪجي پوءِ جنهن کي توڪل وارو شرط نہ هوندو تہ ان وقت مشروط يعني ايمان ڪونہ رهندو. چوتہ قانون مقرر آهي تہ «اِذَا فَاتَ الشَّرْطُ فَاتَ الْمَشْرُوْطُ» يعني شرط گم ٿيندو تہ مشروط پڻ گم ٿي پوندو.

ان آيت شريف جي پڙهڻ شرط دل ۾ اچي خيال پيو تہ توڪل کان سواءِ ولايت تہ پنهنجي هنڌ، پر ايمان بہ گم ٿي وڃي ٿو.

الله تعاليٰ جل شانہ تي توڪل ڪريو ۽ پنهنجي دل سندس حوالي ڪري ڇڏيو.(ڇو تہ مون ڪان پوءِ وري اوهان کي اهڙي طرح ڪوئي بہ نصيحت ڪونہ ڪندو.) جيڪڏهن اوهانکي ڪنهن حاڪم جي طرفان طعام کائڻ جي دعوت مليل هجي تہ جيڪر پڪ ڄاڻو تہ ضرور طعام کارا ئيندو. پوءِ انهي احڪم الحاڪمين جي فرمودي تي ڇو نہ ٿا يقين رکو جو فرمايو اٿس تہ:

فَتَوَكَّلُوٓا اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ (المائده : ٢٣)

ترجمو: جيڪڏهن ايمان وارا آهيو تہ الله تعاليٰ تي توڪل ڪريو.

۽ ٻئي هنڌ فرمايو اٿس تہ:

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الۡقُوَّةِ الۡمَتِيۡنُ (الذٰريات: ٥٨)

ترجمو: بيشڪ الله تبارڪ وتعاليٰ ئي اهو رزق پهچائيندڙ آهي، صاحب قوت جو وڏي قوت سگهہ وارو آهي.

پوءِ فرمايائون تہ جيڪڏهن منهنجي چوڻ تي اعتبار نہ هجيو تہ پنهنجي خالق جي چوڻ تي پت ڪريو.

حضرت مولانا رومي : فرمايو آهي:

ہیں توکل کن ملرزان پاؤ دست
رزق تو بر تو ز تو عاشق ترست

يعني: خبردار ٿي توڪل ڪر ۽ هٿ پير هلائڻ ڇڏي ڏي ڇو تہ تنهنجو رزق توکان وڌيڪ توتي عاشق آهي.

## درس حديث

حضرت عثمان بن حنيف رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ پيري هڪ نابين صحابي ، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي نظر جي لاءِ دعا جو عرض ڪيائين. حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ جيڪڏهن تون چاهين تہ مان تنهنجي لاءِ آخرت جي ڀلائي (جنت) جي دعا گُهران؟ ۽ اها تنهنجي لاءِ بهتر آهي. ۽ جيڪڏهن چاهين تہ مان تنهنجي نظر جي لاءِ دعا ڪريان؟ ان عرض ڪيو تہ يارسول الله! ﷺ توهان منهنجي لاءِ نظر جي دعا ڪريو. پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ سهڻي نموني وضو ڪري، ٻہ رڪعتون نفل پڙهہ پوءِ هيءَ دعا گُهر.

اي الله! آئون توکان سوال ڪريان ٿو ۽ تنهنجي بارگاهہ ۾ رحمت واري نبي محمد مصطفیٰ صلي الله عليہ وسلم جي وسيلي سان متوجهہ ٿيان ٿو. يا محمد! ﷺ مون اوهان جي وسيلي سان پنهنجي پالڻهار جي بارگاهہ ۾ دعا گهري آهي تہ جيئن منهنجي حاجت پوري ٿئي. اي الله ! پنهنجي محبوب جي شفاعت ۽ سفارش منهنجي حق ۾ قبول فرماءِ.

(سنن ابن ماجہ، جامع الترمذي،مستدرڪ للحاڪم، مسنداحمد وغيره)

## درس ملفوظات شريف

خليفو محمود فقير نظاماڻي روايت ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن مون حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جن ڪان سوال ڪيو تہ حضرتا! حقيقت محمدي عليہ الصلوٰة والسلام ۽ حقيقت ڪعبة الله شريف مان ڪهڙي حقيقت فضيلت واري آهي؟ پاڻ تي ڏينهن ڪوبہ جواب نہ ڏنائون، چوٿين ڏينهن فرمايائون تہ: حقيقت محمدي عليہ الصلوٰة والسلام سيني حقيقتن ۽ صفتن جي ماءُ آهي ۽ ڪعبة الله شريف جي حقيقت جو اصل بہ حقيقت محمدي عليہ الصلاة والسلام آهي. يعني اصل جي اعتبار سان حقيقت محمدي عليہ الصلٰوة والسلام بلند ۽ فضيلت واري آهي ۽ صفت جي اعتبار سان (جو ڪعبو شريف مسجود اليہ آهي.)ڪعبة الله شريف کي شرف ۽ بلندي حاصل آهي. چوتہ حضور نبي ڪريم ﷺ جن جو مسجود اليہ آهي ۽ انهي ڪري ئي بيت المقدس ڪان پلو آهي. جيتوڻيڪ اهو سيني نبين سڳورن جو مسجود اليہ آهي. پر جڏهن تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سيني نبين سڳورن جا سردار آهن،ان ڪري ڪعبة الله کي بيت المقدس تي فضيلت حاصل آهي.

هڪ پيري حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جن حديث شريف مان بيان فرمايو تہ : هڪ ڏينهن حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ: بيت المقدس ۾ هڪڙي نماز ٻين مسجدن جي ست سؤ نمازن ڪان افضل آهي، اهو ارشاد ٻڌي صبح جو هڪ صحابي سڳوري نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن ڪان اجازت گهري. پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ ڪاڏي ٿو وڃين؟ اصحابي سڳوري عرض ڪيو تہ يارسول الله! ﷺ توهان ڪالهہ بيت المقدس ۾ نماز پڙهڻ جي فضيلت ٻڌائي هئي. سو اتي نماز ادا ڪرڻ وڃان ٿو. تڏهن نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ بيت المقدس ۾ ست سؤ نمازن پڙهڻ ڪان، هڪ نماز ڪعبي شريف ۾ (جيڪو مسجود اليہ آهي) گهٽي پلي آهي.

# محبوب ڪريم ﷺ جي بارگاھہ ۾

**علامہ مفتي محمد اعظم سڪندري**

الله تبارڪ وتعالىٰ جي مانائتي محبوب، سوا لک نبين ۽ رسولن جي سردار، حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جن جي بي انتها فضيلتن مان هڪ اهم فضيلت ۽ خاصيت هيءَ آهي ، جو الله تعالىٰ سندن ’ذڪر‘ کي رفعت ۽ بلندي عطا فرمائي آهي. نبي پاڪ صاحب لولاڪ ﷺ جن جي پاڪ ذڪر جي عظمت ۽ بلندي جو هي عالم آهي جو جڏهن کان دنيا، ڪائنات جي ابتدا ٿي آهي، سندن ذڪر پاڪ جاري آهي.

رات ۽ ڏينهن، صبح ۽ شام جو اهڙو ڪوبہ لمحو يا اهڙي گهڙي ناهي، جنهن ۾ سرور دوعالم ﷺ جن جو ذڪر خير نہ ٿيندو هجي ۽ سندن ذات بابرڪات تي صلواة و سلام جو برڪتن ڀريو عمل جاري نہ هجي.

الله تعالىٰ پنهنجي مقدس ڪلام قرآن شريف ۾ ’ورفعنا لک ذڪرک‘ جو اعلان فرمائي، پنهنجي محبوب محمد ڪريم ﷺ جي ذڪر ۽ شان کي هميشگي ۽ بلندي بخشي ڇڏي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ روءِ زمين تي نبي پاڪ ﷺ ۽ سندن زندگي سان لاڳاپيل هر هڪ شيءَ ۽ هر هڪ ڳالهہ جي تذڪري سان، لکن جي تعداد ۾ حديث، سيرت ۽ تاريخ جا ڪتاب ڀريا پيا آهن. جڏهن کان نبي اڪرم نورمجسم ﷺ جن جو نور مبارڪ پيدا ٿيو، تڏهن کان وٺي، سندن جي هن دنيا تي تشريف فرما ٿيڻ تائين جا سڀئي احوال ۽ واقعات بہ معتبر ۽ صحيح ڪتابن ۾ اڄ بہ محفوظ آهن.

ان کان پوءِ سيرت جي معتبر ڪتابن ۾ نبي پاڪ ﷺ جي دنياوي زندگي جي احوال متعلق، ننڍپڻ کان وٺندي چاليهہ سالن جي عمر تائين جا احوال پڻ تفصيلي نموني قلمبند ٿيل آهن. وري چاليهہ سالن (اعلان نبوت ) کانپوءِ ظاهري زندگي جي ٽيهن سالن گهارڻ تائين جي تہ هر هڪ ڳالهہ، هر هڪ فعل، هر هڪ واقعي ۽ هر هڪ شيءِ جو ذڪر محفوظ آهي ۽ غور و فڪر جي گهرائپ ۾ وڃي، ڏسجي تہ اها هڪ اهڙي

اهم خاصيت، فضيلت ۽ خصوصيت آهي، جيڪا ڪنهن نبي يا رسول سڳوري، ولي يا غوث کي ميسر ٿي نہ سگهي آهي. جنهن جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو، جو اللّٰہ تعاليٰ جي سوا لک نبين ۽ رسولن جي اقوال ۽ افعال جو تذڪرو تہ پري جي ڳالهہ آهي پر سواءِ تمام ٿورن نبين سڳورن جي، باقي سڀني نبين ۽ رسولن جي قبرن جوبہ پتو پئجي نہ سگهيوآهي تہ اهي ڪٿي مدفون آهن ۽ نہ ئي تاريخ جي ڪتابن۾ ڪا واضح نشاندهي آهي. مگر نبي پاڪ ﷺ جن کي، اللّٰہ تعاليٰ هي ڪمال ۽ شرف بخشيو آهي جو سندن زبان گوهر افشان مان نڪرندڙ هر حديث بہ، چوڏهن سؤ سالن جي گذرڻ باوجود حرف بحرف محفوظ آهي. ان کان علاوه سندن کاڌ خوراڪ، ڪپڙي لٽي ۽ روز مره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ هر شيءِ ۽ ان جو نالو بہ محفوظ آهي ۽ اها واقعي هڪ اهڙي خصوصيت آهي، جنهن تي سوچڻ، اسان جي ناقص وس جي ڳالهہ ناهي. نبي پاڪ ﷺ جن جي زندگي ۾ ساڻن جيڪي بہ شيون وابستہ آهن، انهن مان تمام قليل شين جو مثال پيش خدمت آهي،جيڪي اڄ بہ اسلامي تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ باسلامت محفوظ آهن.

## نبي پاڪ ﷺ جا خدمتگار:

١. **حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه:جڏهن رحمت عالم ﷺ جن هجرت ڪري** مديني شريف ۾ آيا تہ سندن خدمت ۾ حضرت انس جي ماءُ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يارسول اللّٰہ! آءُ پنهنجو پٽ 'انس' اوهان جي خدمت لاءِ وقف ڪريان ٿي. پوءِ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه ، نبي پاڪ ﷺ جي خدمت ۾، سفر، حضر ۾ هر جاءِ تي ساڻن گڏ رهيو. حضرت انس فرمائي ٿو تہ آئون هميشہ نبي پاڪ ﷺ سان گڏ رهيس، پر ڪڏهن بہ مون کي هي نہ فرمايائون تہ فلاڻو ڪم ڇو نہ ڪيئي يا فلاڻو ڪم ڇو ڪيئي؟
حضرت انس کان ٻہ هزار ٻہ سؤ ڇهاسي حديثن جي روايت ٿيل آهي. سندن وصال، عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت ۾ 'بصري' ۾ ٿيو.

٢. **حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه:**
نبي ڪريم ﷺ جن جي 'نعلين مبارڪ' ۽ 'مسواڪ'، 'عصا مبارڪ' ۽ 'بسترو' وغيره حضرت ابن مسعود جي حوالي هوندا هئا. جڏهن نبي پاڪ ﷺ اٿندا هئا تہ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه ، پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي 'جتي مبارڪ' پارائيندو هو. جڏهن پاڻ سڳورا تشرف فرما ٿيندا هئا تہ حضرت ابن مسعود، نبي پاڪ ﷺ جي پيرن مان جُتي مبارڪ لاهي، پاڻ وٽ رکندو هو.

پاڻ ڪريمن ﷺ هڪ ڀيري ارشاد فرمايو: 'پنهنجي امت مان، انهن کان راضي آهيان، جن کان ابن مسعود راضي آهي ۽ انهن کان ناراض آهيان، جن کان ابن مسعود ناراض آهي.' حضرت ابن مسعود ڀاهٺ سالن جي عمر ۾ مديني پاڪ ۾ وفات ڪئي.

٣. **حضرت ربيعہ بن ڪعب اسلمي رضي الله عنه:** حضرت ربيعہ بن ڪعب، 'اصحابِ صفہ' منجهان آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي وضو جي پاڻي جو بندوبست ڪندو هو. حضرت ربيعہ بن ڪعب، پنهنجي حياتي جو گهڻو عرصو،نبي پاڪ ﷺ جي خدمت ۾ گذاريو. وصال سن ٦٣ هجري ۾ ٿيو.

٤. **حضرت عقبہ بن عامر رضي الله عنه:** نبي ڪريم ﷺ جن جي سفر دوران، سندن 'ڏاچي' مبارڪ جي مُهار حضرت عقبہ بن عامر رضي الله عنه جي هٿ ۾ هوندي هئي. سندس وصال ٥٨ هجري ۾ مصر جي علائقي ۾ ٿيو. انهن کانسواءِ حضرت ابوذر غفاري رضي الله عنه، حضرت حنين رضي الله عنه ، حضرت سعد رضي الله عنه، حضرت نعيم بن ربيعہ رضي الله عنه ، بہ نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمتگار اصحابن ۾ شامل آهن.

اهڙي طرح پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي خدمت ، عورتون بہ بجا آڻينديون هيون، جن ۾ حضرت اُم ايمن رضي الله عنها ( جيڪا حضرت اسامہ بن زيد جي ماءُ آهي) ۽ حضرت خولہ رضي الله عنها ۽ حضرت ام عياش ( جيڪا گهڻو ڪري سرور دو عالم ﷺ جن جي نياڻي سيده رقيہ رضي الله عنها کي وضو ڪرائيندي هئي) ۽ حضرت ام سلمہ رضي الله عنها جا نالا مشهور آهن.

**بارگاهه رسالت جا محافظ:** حضور اڪرم نور مجسم ﷺ جن ڪنهن بہ اصحابي کي باقاعدي طور حفاظت لاءِ مقرر ڪونہ ڪندا هئا. پر ڪجهہ اصحابي سڳورن جو عمل هيو، جو نبي ڪريم ﷺ جي پاسباني ۽ حفاظت خاطر پهرو ڏيندا هئا، انهن ۾ حضرت سعد بن معاذ انصاري رضي الله عنه (جيڪو 'اوس' قبيلي سان تعلق رکندڙ هيو) پڻ شامل هيو.

حضرت سعد بن معاذ کي پاڻ ڪريمن ﷺ 'سيد الانصار' جو لقب عطا فرمايو هو، حضرت سعد بن معاذ ، جنگ بدر واري ڏهاڙي ، پاڻ ڪريمن ﷺ لاءِ هڪ عريش (جهوپڙي) تيار ڪيائين. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ان ۾ آرام فرما ٿيا تہ تلوار کڻي پهرو ڏيڻ لڳو، اتي حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه بہ پنهنجي هٿ ۾ اگهاڙي تلوار کڻي پهري جا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. ان  کان علاوه محمد بن مسلمہ انصاري بہ نبي پاڪ جي محافظن ۾ شامل هو. جڏهن احد واري لڙائي دوران، پاڻ ڪريمن ﷺ تي پهرو ڏنو ۽ حضرت زبير بن عوام، سعد بن ابي وقاص، حضرت عباد بن بشر ، حضرت ابو ايوب انصاري ۽ حضرت بلال حبشي  رضي  الله عنهم بہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي پهريدارن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا.

نبي ڪريم ﷺ جن اســلام جي تبليغ ۽ ٻين امورن جي سلسلي ۾ مختلف بادشاهن، حاڪمن ۽ اميرن ڏانهن ڪــجهہ اصحابي سڳورن کي سفير ۽ قاصد بڻائي موڪليندا هئا. انهن ۾ حضرت عمرو بن اميہ ضمري رضي الله عنه جڪيو تمام گهڻو دلير ۽ بهادر صحابي هو. پاڻ ڪريمن ﷺ کيس حبش جي حاڪم 'نجاشي' ڏانهن سفير بڻائي موڪليو هو. ان کان سواءِ مسيلمہ ڪذاب ۽ قيصر روم جي هڪ صوبي' والي' ڏانهن بہ اهوئي صحابي سڳورو پاڻ ڪريمن ﷺ جو پيغام کڻي پهتو هو.ان کانپوءِ حضرت عبدالله بن حذافہ سهمي رضي الله عنه، جنهن کي نبي پاڪ ﷺ فارس جي بادشاهہ 'ڪسريٰ' طرف سفير بڻائي موڪليو هو. سيرت نگارن لکيو آهي تہ حضرت عبدالله بن حذافہ انتهائي ظريف الطبع يعني مزاح واري طبيعت جو مالڪ هيو.

**بارگاهه رسالت جا سفير ۽ قاصد:** حضرت حاطب بن ابو بلتعه رضي الله عنه پڻ نبي پاڪ جي قاصدن ۾ شامل هو. سندس وصال حضرت عثمان ذوالنورين رضي الله عنه جي عهد خلافت ۾ ٿيو. حضرت حاطب کي پاڻ سونهارن ﷺ اسڪندريه جي بادشاهه ڏانهن قاصد ڪري موڪليو هئائون. حضرت شجاع بن وهب رضي الله عنه ، نبي پاڪ ﷺ جن، حارث بن شمر عنساني ڏانهن سفير ڪري ارسال فرمايو هئائون.

حضرت مهاجر بن اميه، جيڪو حضرت ام سلمه جو سڳو ڀاءُ هيو، اهو به نبي پاڪ ﷺ جو پيغام ڪٺي مختلف حاڪمن ڏي ويندو هيو. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کيس يمن جو والي به مقرر ڪيو هو ۽ حضرت مهاجر بن اميه 'حضر موت' وارو قلعو فتح ڪري ڏيکاريو. انهن کان سواءِ حضرت عروه بن مسعود ثقفي، ابو موسيٰ اشعري، حضرت خبيب بن زيد، حضرت ضحاڪ بن سفيان ۽ حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنهم به نبي پاڪ جي سفيرن ۽ قاصدن ۾ شامل آهن. حضرت معاذ بن جبل حرام ۽ حلال جي مسئلن ۾ مسلمانن جو امام هو. جڏهن پاڻ سڳورن کيس يمن طرف روانو ڪيو ته فرمايائون: اي معاذ! ماڻهن جا فيصلا ۽ معاملا ڪيئن حل ڪندين؟ جواب ڏنائين، الله تعاليٰ جي ڪلام مقدس جي ذريعي، پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايس جيڪڏهن ان ۾ نه لهي سگهين ته پوءِ؟ عرض ڪيائين ته پوءِ الله تعاليٰ جي رسول جي سنت مطابق، پاڻ فرمايائون جيڪڏهن ان ۾ به نه لهين ته پوءِ؟ عرض ڪيائين ته پوءِ يارسول الله! نيڪن ۽ صالحن جي مشوري سان حل ڪندس ، ٻئي صورت ۾ اجتهاد ڪندس.'

**بارگاهه رسالت جا مؤذن:** بارگاهه رسالت جو پهريون مؤذن حضرت بلال بن رباح حبشي رضي الله عنه مقرر ڪيل هو. حضرت بلال رضي الله عنه مڪي پاڪ ۽ يمن جي وچ واري علائقي 'سرات' جو رهاڪو هو. سندس والده جو نالو 'حمامه' هو.

حضرت بلال پهريان اميه بن خلف وٽ غلام هو. جڏهن اسلام آندائين ته اميه بن خلف مٿس بي انتها ظلم ۽ تشدد ڪرڻ لڳو. آخرڪار

حضرت بلال کي ، حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه آزاد ڪرائي، نبي پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ پيش ڪيو ۽ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم کيس مسجد نبوي جو مؤذن مقرر فرمايو.

ٻيو مؤذن، حضرت ابن ام مڪتوم رضي الله عنه هيو، جيڪو حضرت بلال سان گڏ مؤذن طور مقرر هوندو هو، حضرت ابن ام مڪتوم، اکين کان وينل هو. حضرت ابو محذوره رضي الله عنه به نبي پاڪ جي طرفان مؤذن مقرر ٿيل هو، پاڻ گهڻو ڪري مڪي پاڪ ۾ اذان ڏيندو هو.

**نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جي سواري جا جانور:** پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جا اُٺ مبارڪ: نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن وٽ اُٺن جو تعداد پندهن کان به وڌيڪ هو، انهن مان هڪ ڏاچي جو نالو 'قصويٰ' (ڪٽيل ڪنن واري ڏاچي ) هيو. پر مورخ حضرات واضح ٿا ڪن تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جي ڏاچي مبارڪ جا ڪن ڪٽيل ڪونہ هئا، بلڪ پيدائشي طور ائين ئي هئا. نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم اها ڏاچي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کان خريد ڪئي هئي، حديبيہ ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم انهي ڏاچيءَ تي سواري ڪئي هئي ۽ انهي ڏاچيءَ تي سواري دوران 'وحي' بہ نازل ٿيندي هئي. سيرت جي مصنفين لکيو آهي تہ: سواءِ 'قصويٰ' جي ٻئي ڪا بہ ڏاچي يا اٺ وحي جو وزن برداشت ڪري نہ سگهندا هئا. پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم حجة الوداع وارو تاريخي ۽ عظيم الشان خطبو بہ انهي ڏاچيءَ تي سوار ٿي ڏنو هو. ان کان علاوه 'صرما'، 'صلها' ۽ 'محضرمہ' جي نالن سان بہ سندن اٺن ۽ ڏاچين جو ذڪر آيو آهي.

**پاڻ ڪريمن جا گهوڙا مبارڪ ۽ ٻيا جانور:** نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن وٽ ڏهہ گهوڙا هيا. پهرئين گهوڙي جو نالو 'سڪب و سڪيب' آهي، سڪب ان گهوڙي کي چئبو آهي جيڪو تيز رفتاري جي لحاظ سان تمام ٻلوهجي، پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم سواري لاءِ 'سڪب' کي بيحد پسند ڪندا هئا. ٻئي جو نالو 'مزتجر' هيو، جيڪو هڪ اعرابي سواد بن حارث بن ظالم کان خريد ڪيو هئائون. ٽئين جو نالو 'لزار' هو ۽ چوٿين جو نالو 'لحيف' هو، جيڪو ربيعہ بن البراءِ هديي طور پيش ڪيو هو، پنجين جو نالو 'ورد'

هو، جنهن معنيٰ گلاب آهي، پاڻ ڪريمن ﷺ اهو گهوڙو حضرت تميم داري کان خريد ڪيو هو. بعد ۾ اهو گهوڙو سيدنا عمرفاروق رضي الله عنه جي حوالي ڪري ڇڏيائون. ڇهين جو نالو ’ضريس‘ ، ستين جو نالو ’ظرب‘ ۽ اٺين جو نالو ’ملاوح‘ هيو. ’روضة الاحباب‘ جي حاشيي تي لکيل آهي ته ’ملاوح‘ ان گهوڙي کي چئبو آهي ، جيڪو ڪمزور هجي ۽ ٿلهو نہ هجي. اهو گهوڙو پهريان حضرت ابوبرده وٽ هيو. نائين گهوڙي جو نالو ’سجہ‘ هو. جيڪو هڪ اعرابي کان ڏهہ اٺن جي عيوض خريد ڪيو هئائون. پاڻ ڪريمن ﷺ جي ڏهين گهوڙي جونالو ’بحر‘ هو، اهو گهوڙو يمن کان ايندڙ واپارين کان خريد ڪيو ويو هو. پاڻ ڪريمن مسابقت ( گهوڙي ڊوڙ مقابلي ) جي ميدان ۾ ٻي پيرا سواري ڪئي، اهو گهوڙو تمام تيز رفتار هو. مسابقت ۾ ٻيئي پيرا سڀني گهوڙن کان اڳرائي کٽي ويو. جڏهن پاڻ ڪريم گهوڙي تان لٿا تہ ان جي منهن تي هٿ ڦيريندي فرمايائون: ’ما انت بحر فسميت بحر‘ تون تہ دريا آهي، اڄ کان پوءِ تنهنجو نالو ’بحر‘ ٿو رکان. تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ اها وضاحت ناهي تہ اهي گهوڙ کهڙي نسل جا هئا؟ مثال طور ترڪي نسل جا هئا، عراقي نسل جا هئا ۽ يا ڪنهن ٻئي نسل جا هئا؟ وضاحت نہ هئڻ ڪري معلوم ٿو ٿئي تہ شايد سڀئي گهوڙا عربي نسل جا هئا.

سندن سواري ۾ جيڪي خچر هئا، انهن جا نالا دلدل ( جيڪو شاهہ مقوقس، هديي طور موڪليو.) فضہ، ايليہ ، دومة الجندل هئا، جيڪي ’دراز گوش‘ هئا انهن جا نالا عفير، يعفور هئا. نبي پاڪ ﷺ جن وٽ کير ڏيندڙ ست ٻڪريون بہ هيون، جن جي خدمت ام ايمن رضي الله عنها جي حوالي هئي. نبي پاڪ ﷺ پنهنجي جنهن بہ گهر ۾ رات گهاريندا هئا تہ ٻڪرين جو کير بہ ان گهر ۾ استعمال ڪندا هئا.

**بارگاهہ رسالت جا نعت خوان:** سرور دوعالم ﷺ جن جي شان ۾ نعتيہ شاعري چوڻ وارا ٽي اصحابي مشهور آهن.

جاهليت جي زماني ۾ حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه :نصارن جو شاعر هو، پر

نبي پاڪ ﷺ تي ايمان آڻڻ بعد ، مشرڪن ۽ ڪافرن جي مذمت، اسلام جي حقانت ۽ نبي پاڪ ﷺ جن جي شان مبارڪ ۾شعر چوڻ شروع ڪيائين. مسجد نبوي ۾ جڏهن نبي ڪريم ﷺجي شان ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين. مسجد نبوي ۾ نبي پاڪ ﷺ جن شان ۾ شعر چوندو هو ، حضرت علي رضي الله عنه جي خلافت دوران حضرت حسان رضي الله عنه جو انتقال ٿيو. ان کان علاوه حضرت ڪعب بن مالڪ ۽ حضرت عبدالله بن رواحہ بہ نبي پاڪ ﷺ جي نعت خوان صحابين ۾ شامل آهن.

**نبي ڪريم ﷺ جا جنگي هٿيار:** سيرت جي ڪتابن ۾، نبي پاڪ ﷺ لاءِ ڏهن تلوارن جو ذڪر آيو آهي، پر اهو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي تہ اهي تلوارون هڪ ئي وقت نبي پاڪ ﷺ وٽ موجود هيون يا مختلف وقتن ۾ ڪين مليون هيون. ڏهن تلوارن جا نالا هي آهن: 'ذوالفقار' جيڪا ڪين جنگ بدر جي موقعي تي ملي هئي، اها تلوار پاڻ ، حضرت علي رضي الله عنه کي عطا فرمائي هئائون. ٻي تلوار جو نالو 'ماثور' هيو،جيڪا نبي پاڪ جي ملڪيت ۾ اچڻ واري پهرئين تلوار هئي، ٽئين جو نالو 'عضب' ، چوٿين جو نالو 'مخذم'، پنجين جو نالو 'رسوب' ، ڇهين جو نالو 'قلعي'، ستين جو نالو 'قضب'، اٺين جو نالو 'قلع'، نائين جو نالو 'مڪراب' ۽ ڏهين تلوار جو نالو 'ذابہ' هيو.

نبي پاڪ ﷺ جي 'زرهہ مبارڪ' جو نالو 'سعديہ' يا 'صعديہ' آهي. مواهب اللدنيہ واري لکيو آهي تہ 'سعديہ' اها زرهہ آهي ، جيڪا حضرت دائود عليہ السلام کي پاتل هئي ۽ پاڻ 'جالوت' کي قتل ڪيو هيو.

نبي پاڪ ﷺ جي ٽئين زرهہ 'ذات الفضول' آهي، نبي پاڪ ﷺ جي وصال مبارڪ بعد حضرت علي رضي الله عنه اها زرهہ پائيندو هو ۽ جنگ جمل ۾ بہ حضرت علي رضي الله عنه کي اها زرهہ پاتل هئي. پاڻ ڪريمن ﷺ وٽ 'ازلق'، 'فتق' ۽ 'ووفر' جي نالن سان ٽي ڍالون بہ هيون. انهن کان سواءِ چار عدد نيزا ، ڇهہ ڪمانون، ٽي حربہ (ننڍا تير) بہ هيا، جن جا نالا 'بنغہ'، 'بيضہ' ۽ 'غنزه' آهن. ۽ نبي پاڪ ﷺ جن وٽ جنگ جي ميدان ۾ لڳائڻ لاءِ 'اتڪن' جي نالي سان هڪ خيمو بہ هيو.

# سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه

مولانا محمد رفيق سڪندري

حضرت شيخ سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جن کي غوثِ اعظم جي نالي سان بہ ڄاتو وڃي ٿو، پاڻ سني حنبلي طريقي جا نهايت اهم صوفي ۽شيخ ۽ سلسلي قادريہ جا باني آهن.

**ولادت:** سندن پيدائش پهرين رمضان ۴۷۰هہ مطابق ١٧ مارچ ١٠٧٨ع ۾ ايران جي صوبي ڪرمانشاھ جي اوپرندي شهر گيلان ۾ ٿي، جنهن کي ڪيلان بہ چيو وڃي ٿو ۽ ان ڪري سندن هڪ نالو شيخ عبدالقادر ڪيلاني بہ ماخوذ آهي.

**سلسلو:** شيخ عبدالقادر جيلاني جو تعلق حضرت جنيد بغدادي رضي الله عنه جي روحاني سلسلي سان ملي ٿو. شيخ عبدالقادر جيلاني جي خدمتن ۽ سندن فڪر جي ڪري کين غوث اعظم دستگير جو خطاب ڏنو ويو.

**اڪابرين اسلام جون پيشين گويون:**

سندن ولادت کان ڇهہ سال اڳ حضرت شيخ ابواحمد عبدالله بن علي بن موسيٰ فرمايو تہ مان شاهدي ڏيان ٿو تہ عنقريب هڪ اهڙي هستي اچڻ واري آهي، جنهن جو فرمان هوندو تہ:

قدمي هٰذا علي رقبة کل ولي الله

منهنجو قدم سڀني ولين جي ڪنڌ تي آهي.

حضرت شيخ عقيل سنجي کان پڇيو ويو تہ هن زماني جو قطب ڪير آهي؟ فرمايائين هن زماني جو قطب مديني منوره ۾ لڪيل آهي. اولياءَ لله کانسواءِ ان کي ڪير نٿو سڃاڻي. پوءِ عراق جي طرف اشارو ڪندي فرمايائين تہ هن طرف کان هڪ عجمي نوجوان ظاهر ٿيندو. اهو بغداد ۾ وعظ ڪندو، ان جون ڪرامتون عام ۽ خاص ۾ مشهور هونديون. ۽ اهو فرمائيندو تہ قدمي هٰذا علي رقبة کل ولي لله .

سالڪ السالڪين ۾ آهي تہ جڏهن سيدنا عبدالقادر جيلاني کي غوثيت جي مرتبي ۽ محبوبيت جي مقام سان نوازيو ويو تہ هڪ ڏينهن

جمعي جي نماز ۾ خطبو ڏيڻ وقت اوچتو مٿن استغراقي ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ انهيءَ وقت زبان مبارڪ مان هي ڪلما جاري ٿيا: قدمي هٰذا عليٰ رقبة ڪل ولي الله.

غيب جي منادي سموري جهان ۾ هي ندا ڪري ڇڏي تہ سڀ اولياءَ الله، غوث پاڪ جي اطاعت ڪن. اهو ٻڌند ئي سڀ ولي جيڪي زنده هئا يا وصال فرمائي چڪا هئا، تن پنهنجا ڪنڌ جهڪايا. ( تلخيص بهجة الاسرار)

**ٻاروتڻ جا ڏينهن:**

سڀ عالم ۽ ولي هن ڳالھ تي متفق آهن تہ سيدنا عبدالقادر جيلاني مادر زاد يعني پيدائشي ولي آهن. سندن هيءَ ڪرامت گهڻي مشهور آهي تہ پاڻ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ پرھ ڦٽيءَ کان سج لهڻ تائين ڪڏهن بہ کير نہ پيئندا هئا ۽ اها ڳالھ گيلان ۾ گهڻو مشهور هئي تہ سادات گهراڻي ۾ هڪ اهڙو ٻار پيدا ٿيو آهي جيڪو رمضان ۾ سڄو ڏينهن کير نہ ٿو پيئي.

ٻاروتڻ ۾ عام طور ٻار راند روند جا شوقين هوندا آهن. پر پاڻ شروع کان ئي انهن ڪمن کان پري رهيا. سندن ارشاد آهي تہ: جڏهن مان ٻارن سان کيڏڻ جو ارادو ڪندو هوس تہ ڪنهن چوڻ واري جو اهو آواز ٻڌندو هوس تہ اي برڪت وارا، مون ڏانهن اچ.

**ولايت جو علم:**

هڪ پيري ڪجھ ماڻهن سيد عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه کان پڇيو تہ توهان کي ولايت جو علم ڪڏهن کان حاصل ٿيو؟ تہ پاڻ جواب ڏنو تہ ڏهن سالن جي عمر ۾ جڏهن مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ويندو هوس تہ هڪ غيبي آواز ايندو رهندو هو جنهن کي سڀ مدرسي وارا ٻڌندا هئا تہ ” الله جي وليءَ لاءِ جڳھ ڪشادي ڪريو.“

**پرورش ۽ علم جي ڳولا:**

سندن والد گرامي جي انتقال کان پوءِ، سندن پرورش والده

ماجده ۽ ناني ڪئي. شيخ عبدالقادر جيلاني جي نسب جو شجرو والد جي طرف ڪان حضرت امام حسن ۽ والده جي طرف ڪان حضرت امام حسين سان ملي ٿو. ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني علم جي حصول لاءِ بغداد (۱۰۹۵ء) تشريف وٺي ويا. جتي ڪين فقه جي علم ۾ ابو سيد علي مخرمي، حديث جي علم ۾ ابوبڪر بن مظفر ۽ تفسير جي لاءِ ابو محمد جعفر جهڙا استاد مليا.

**رياضت ۽ مجاهدو:**

علم جي حصول بعد شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه بغداد ڪي ڇڏي عراق جي بيابانن ۽ جنگلن ۾ ۲۵ سالن تائين سخت عبادت ۽ رياضت ڪئي. سنه ۱۱۲۷ ء ۾ پاڻ ٻيهر بغداد ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيو. جلد ئي سندن شهرت ۽ نيڪ نامي بغداد ۽ پري پري پکڙجي وئي. ۴۰ سال تائين پاڻ اسلام جي تبليغي سرگرمين ۾ حصو ورتو . نتيجي ۾ هزارين ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيا. تبليغ جي ان سلسلي کي وڌائيندي پري پري تائين وفد موڪلڻ جو سلسلو شروع ڪيائون. خود سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه اسلام جي تبليغ لاءِ دور دراز جا سفر ڪيا ۽ برِ صغير تائين تشريف وٺي آيا ۽ ملتان (پاڪستان) ۾ به قيام ڪيائون.

**حليو مبارڪ:**

جسم ڪمزور، قد درميانو، رنگ گندمي، آواز بلند، سينو ڪشادو، چهرو خوبصورت، مٿو ويڪرو ۽ ڀرون مليل هئا.

**غوث اعظم جا فرمان مبارڪ:**

۱. اي انسان جيڪڏهن پينگهي کان قبر تائين زندگي ڏني وڃي ۽ تو کي چيو وڃي ته پنهنجي محنت، عبادت ۽ رياضت سان هن دل ۾ الله جو نالو ويهار ته رب تعاليٰ جي عزت ۽ جلال جو قسم اهوممڪن ڪونهي، ايستائين جو الله جي ڪنهن ڪامل ٻانهي جي نسبت ۽ صحبت حاصل نه ٿئي.

۲. صاحب دل جي صحبت اختيار ڪر تہ جيئن تون بہ ان وانگر ٿيئين.
۳. منهنجو مريد اهو آهي جيڪو الله جو ذاڪر آهي ۽ آئون ان ڪي ذاڪر ميجيان ٿو ، جنهن جي دل الله جو ذڪر ڪري.

**لقب مبارڪ:**

۱. غوثِ اعظم
۲. پيرانِ پير دستگير
۳. محي الدين
۴. شيخ الشيوخ
۵. سلطان الاولياءِ
۶. سردار اولياءِ
۷. قطب رباني
۸. محبوب سبحاني
۹. قنديلِ لامڪاني
۱۰. مير محي الدين
۱۱. امام الاولياءِ
۱۲. السيد السند
۱۳. قطب واحد
۱۴. شيخ الاسلام
۱۵. زعيم الاولياءِ
۱۶. قطبِ بغداد
۱۷. بازِ اشهب
۱۸. ابوصالح
۱۹. حنبلي مذهبا

**علمي خدمتون:**

شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه ، حق جي طالبن لاءِ گرانقدر ڪتاب لکيا ، انهن مان ڪن جا نالا هن ريت آهن.

١. الفتح الرباني والفيض الرحماني
٢. ملفوظات
٣. فتوح الغيب
٤. جلاء الخاطر
٥. ورد الشيخ عبدالقادر جيلاني
٦. بهجة الاسرار
٧. آداب السلوڪ و التوصل الي منازل السلوڪ

**وصال مبارڪ:**

شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جو انتقال ١١٦٦ ع تي ڇنڇر جي رات (٨ ربيع الاول ٥٦١ هجري) تي اوڻيانوي سالن جي ڄمار ۾ ٿيو. تدفين سندن مدرسي جي احاطي ۾ ٿي.

**سيرتِ غوث اعظم:**

بيشڪ ڪائنات جي خالق الله رب العالمين ، انسانن ۽ جنن جي رشد ۽ هدايت لاءِ مختلف وقتن ۽ علائقن ۾ ڪم و بيش هڪ لک چوويهه هزار نبي ۽ رسول اماڻيا. هر نبي ۽ رسول ، الله تعاليٰ جي علحده علحده صفتن جا مظهر بنجي آيا. ايستائين جو الله تعاليٰ پنهنجي سڀني صفتن ئي نہ بلڪ ذات جو مظهر بنائي پنهنجي نبي آخر الزمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم کي مبعوث فرمايو تہ مظهر ذات کان بعد ڪنهن نبي جي ضرورت نہ رهي. نبوت جو دروازو هميشہ لاءِ بند ٿي ويو تہ رشد ۽ هدايت ۽ دين جي احياءَ لاءِ محبوب رب العليٰ، غيبي خبر ڏني تہ هر صدي جي اختتام تي هڪ مجدد دين پيدا ٿيندو. (مشڪواة شريف) پڻ فرمايائون تہ " الله جا نيڪ ٻانها دين جي حفاظت ڪندا رهندا.(ابو دائود) حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو ارشاد مبارڪ آهي تہ : " دين جا عالم، نبوت جي برسات جا تلاءُ آهن." (مشڪواة شريف) پڻ " چاليهہ ابدال (اولياءِ) جي برڪت سان بارش ۽ دشمنن تي فتح حاصل ٿيندي ۽ انهن جي طفيلي شام وارا عذاب کان دور رهندا. (مشڪواة

شريف) نبي ڪريم ﷺ جن جو اهو فرمان پڻ آهي تہ ” عالمن جي زندگي لاءِ مڇيون دعا ڪنديون رهنديون آهن. ( مشڪواة شريف) ۽ ” منهنجي امت ۾ هميشہ ٽي سو اولياء حضرت آدم عليہ السلام جي نقش قدم تي رهندا ۽ چاليهہ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ ست حضرت ابراهيم عليہ السلام جي نقشِ قدم تي رهندا ۽ پنج اهي رهندا جن جي دل حضرت جبرائيل عليہ السلام وانگي هوندي، ٽي حضرت ميڪائيل جي دل ۽ هڪ حضرت اسرافيل عليہ السلام جي دل وانگي رهندو جڏهن ان هڪ جو انتقال ٿيندو تہ انهن ٽن مان ڪو هڪ اتي هوندو، ۽ انهن ٽن جي ڪمي، پنجن مان ۽ پنجن جي ڪمي ستن مان ، ستن جي ڪمي چاليهن مان ۽ چاليهہ جي ڪمي ٽي سو مان ۽ ٽي سو جي ڪمي مسلمانن مان پوري ڪئي ويندي. ( مرقاة ملا علي قاري)

علماءِ حق فرمائين ٿا تہ ” الله تعاليٰ رحمتون بخشڻ وارو، سيد الانبياءِ رحمت عالم ﷺ تقسيم فرمائڻ وارو ۽ اولياءَ ۽ عالم ان جو ذريعو آهن. الله تعاليٰ جي معرفت جي لاءِ ملت مصطفوي جي سامهون عالمن ۽ مشائخ هڪ خوبصورت ۽ زرين اصول اهو پيش ڪري ڇڏيو آهي تہ بارگاهہ ربوبيت تائين رسائي آقاءِ دوجهان سيد عالم ﷺ جي ذريعي ۽ بارگاهہ رسالت تائين پهچ اولياءَ الله جي ذريعي سان ئي ممڪن آهي. انهن ولين جي صف اول ۾ صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت اطهار رضوان الله عليهم اجمعين شامل آهن ، ان بعد تابعين، امام مجتهد، امام شريعت ۽ طريقت ڪان علاوه صوفي بزرگ، متقي ۽ پيا ولي شامل آهن. اولياءِ ڪرام تہ گهڻا ٿيا ۽ قيامت تائين هوندا. پر ان ۾ ڪو شڪ ۽ شبهو ڪونهي تہ علم ۽ فضل، ڪشف ۽ ڪرامت، مجاهدا ۽ تصرف، حسب ۽ نسب جي ڪجهہ خصوصيتن جي ڪري حضرت غوث اعظم رضي الله عنه ڪي ولين جي جماعت ۾ جيڪا امتيازي خصوصيت حاصل آهي، اها ڪنهن ٻئي ڪي ناهي. هيءُ واضح هجي تہ حضرت غوث اعظم رضي الله عنه ڪي جڏهن اسان ولين جو تاجدار چئون ٿا تہ هتي ولين جي عرف ۾ صحابہ جي جماعت شامل نہ ڪرڻ ڪپي، خالق ڪائنات جن خوشنصيب ٻانهن ڪي ولايت جو مقام عطا

فرمائيندو آهي، انهن جي ولايت کڏهن زائل نہ فرمائيندو آهي. پاڻ غوث اعظم، غوث الثقلين، امام الطرفين، رئيس الاتقياءِ، تاج الاصفياءِ، قطبِ رباني، شهبازلامڪاني، محي الملت والدين، فخرشريعت وطريقت، ناصرسنت، عماد حقيقت، قاطع بدعت، سيد الزاهدين، رهبرِ عابدين، قطب الاقطاب، غوث صمداني، سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه.

سندن والده ماجده حضرت فاطمہ ام الخير بيان فرمائي ٿي تہ ولادت سان گڏ شريعت جي حڪمن جو ايترو احترام هو تہ حضرت غوثِ اعظم رمضان ۾ سڄو ڏينهن کير نہ پيئندا هئا. هڪ ڀيري جهڙ جي ڪري ٢٩ شعبان تي چنڊ نہ ڏسجي سگهيو، ماڻهو ان ٻڌتر ۾ هئا، پر هن مادر زاد ولي حضرت غوث اعظم صبح جو کير نہ پيتو، آخرڪار تحقيق کان پوءِ معلوم ٿيو تہ اڄ پهرين رمضان المبارڪ آهي. سندن والده ماجده جو بيان آهي تہ پوري رضاعت جي عمر ۾ سندس هيءُ حال هو جو سال جا سڀ مهينا کير پيئندا هئا ، پر جيئن ئي رمضان شريف جو مبارڪ مهينو ايندو هو تہ پاڻ سڄو ڏينهن کير نہ واپرائيندا هئا. جڏهن مغرب جي آذان ايندي هئي ءِ ماڻهو افطاري ڪندا هئا تہ پاڻ کير پيئڻ لڳندا هئا.

شروعات کان ئي خالق ڪائنات ، الله رب العزت جون نوازشون، حضرت غوث اعظم جي طرف متوجهہ هيون پوءِ کير سندس مرتبي کي ڇهي سگهيو ٿي يا ان جو اندازو ڪري سگهي. حضرت جن پنهنجي ٻاروتڻ متعلق فرمائين ٿا تہ عمر جي شروعاتي ڏينهن ۾ جڏهن ٻارن سان کيڏندو هوس تہ غيب کان رڪجڻ جو آواز ايندو هو.

(اخبار الاخيار، شمائم امدادية، سفينة اوليا، قلائدالجواهرِ، نزهتہ الخاطر، فتاويٰ افريقہ ڪرامات غوثية اعليٰ حضرت)

سيدنا غوث اعظم جي حيات مبارڪ جو گهڻو حصو بغداد مقدس ۾ گذريو ءِ اتي ئي سندن وصال ٿيو. سندن مزار مبارڪ بغداد ۾ مرجع خلائق آهي.

# اجتهاد ۽ تقليد: قرآني نصوص جي روشني ۾ شرعي حيثيت (تحقيق جي طالب نوجوانن ڏانهن)

علامه علي اڪبر راهمون سڪندري

اسلامي شريعت ۾ اجتهاد ۽ تقليد ٻنهي کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. اجتهاد اُن اهل علم جو ڪم آهي، جيڪي قرآن، سنت، لغت، اصول فقه ۽ ناسخ و منسوخ جهڙن علمن ۾ مهارت رکن ٿا. جڏهن تہ عام مسلمان لاءِ قرآن ۽ حديث مان سڌو شرعي احڪام ڪڍڻ ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان لاءِ گهري علمي صلاحيت گهربل آهي. انهيءَ ڪري عوام لاءِ پنهنجي اڻڄاڻائي ۾ اهل علم ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ انهن جي تقليد ڪرڻ شرعاً لازمي آهي.

مقلدين علما واضح ڪن ٿا تہ مطلق تقليد يعني ڪنهن هڪ مجتهد يا فقهي مذهب جي مڪمل پيروي ئي دين ۾ استقامت، امت جي اتحاد ۽ فتوائن جي يڪسانيت جو ذريعو آهي. ان جي مقابلي ۾ جزوي تقليد يا آئمہ اربعہ مان جيڪو وڻي ان جي مذهب جي چونڊ ڪري عمل ڪرڻ، خواهش پرستي ۽ انتشار جو سبب بڻجي ٿو، ڇوتہ اها طريقيڪار ۾ تضاد پيدا ڪري ٿي.

**قرآني نصوص مان استدلال:**

1.﴿وَلَوْ رَدُّوهُ إِلَى الرَّسُولِ وَإِلَىٰ أُولِي الْأَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِينَ يَسْتَنبِطُونَهُ مِنْهُمْ﴾ (النساء: ٨٣)

"۽ جيڪڏهن اُهي ان (خبر) کي رسول ڏانهن يا پنهنجي حڪمرانن ڏانهن موٽائي ڇڏين ها تہ جن کي استنباط ڪرڻ جي صلاحيت آهي، اُهي ان کي ڄاڻي وٺن ها."

امام فخر الدين رازي (تفسير ڪبير، ١٠/٢٠٥):

فدلت هذه الآية على أن غير المستنبط يجب عليه أن يرجع إلى المستنبط، وذلك يدل على أن التقليد جائز.

(هي آيت دليل آهي تہ جيڪو استنباط جي اهل نہ هجي، ان لاءِ لازم آهي تہ اهل استنباط ڏانهن رجوع ڪري ۽ اهو تقليد جي جواز تي دلالت ڪري ٿو.)

مقلدين علما جي نظر ۾ هي آيت اجتهاد ۽ استنباط جي اصل دليل آهي. «يستنبطونه» عبارة النص آهي. ڇاڪاڻ تہ قرآن ظاهر لفظن ۾ اهل علم کي استنباط جو ذميوار قرار ڏئي ٿو. عوام لاءِ هتي پيغام آهي تہ هو اهل علم ڏانهن رجوع ڪن. امام رازي، قرطبي ۽ ابن العربي (قاضي ابوبڪر بن عبد الله المالڪي الاشبيلي) هن آيت ڪريمه کي اجتهاد جو شرعي بنياد قرار ڏنو.

2. ﴿فَلَوۡلَا نَفَرَ مِن كُلِّ فِرۡقَةٖ مِّنۡهُمۡ طَآئِفَةٞ لِّيَتَفَقَّهُواْ فِي ٱلدِّينِ وَلِيُنذِرُواْ قَوۡمَهُمۡ﴾

(التوبة: ١٢٢)

پوءِ ڇو نہ ٿيو تہ هر ٽولي مان هڪ جماعت (سفر بدران) نڪري وڃي، تہ جيئن اُهي دين ۾ سمجهہ حاصل ڪن ۽ واپس اچي پنهنجي قوم کي خبردار ڪن.

امام ابن ڪثير (تفسير ابن ڪثير، ٣٧٩/٢):

"هذه الآية أصل عظيم في وجوب التفقه في الدين، وأنه لا يجب على كل الناس أن يخرجوا للجهاد، بل يجب أن تبقى طائفة يتفقهون في الدين لينذروا قومهم"

هي آيت دين ۾ تفقہ جي وجوب ۾ وڏو اصل آهي. سڀني ماڻهن تي مجتهد ٿيڻ واجب ناهي، بلڪ هڪ طائفو تفقہ ۾ مصروف رهي تہ جيئن پنهنجي قوم کي خبر ڏين.

هن آيت موجب هر ماڻهو لاءِ مجتهد ٿيڻ لازمي ناهي، پر ڪجھ ماڻهو تفقہ حاصل ڪنءِ عوام انهن جي پيروي ڪن. هتي هن آيت ڪريمہ ۾ وجوبِ ڪفايہ ۽ دلالت النص واضح آهي. امام رازي ۽ ابن ڪثير لکن ٿا تہ آيت عوام لاءِ تقليد ۽ اهل علم لاءِ اجتهاد جو اصول بيان ڪري ٿي.

حاصل ڪلام تہ اسلامي شريعت ۾ اجتهاد ۽ تقليد ٻئي ناگزير آهن. قرآن واضح ڪري ٿو تہ اهلِ استنباط شرعي حڪمن جي ڄاڻ لاءِ ذميوار آهن، جڏهن تہ عوام لاءِ انهن ڏانهن رجوع ڪرڻ واجب آهي (النساء: ٨٣، التوبة: ١٢٢). امام رازي ۽ ابن ڪثير لکن ٿا تہ سڀني ماڻهن لاءِ اجتهاد ممڪن ناهي، بلڪ ڪجھ اهل علم تفقہ حاصل ڪن ۽ عوام انهن جي پيروي ڪن. مطلق تقليد يعني شخصي تقليد امت جي اتحاد، استقامت۽فتوائن جي يڪسانيت لاءِ ضروري آهي، جڏهن تہ جزوي تقليد خواهش پرستي ۽ انتشار جو سبب بڻجي ٿي. تنهنڪري قرآن، عقل ۽ تاريخي عمل سڀ ثابت ڪن ٿا تہ اجتهاد اهل علم لاءِ ۽ تقليد عوام لاءِ شرعاً واجب آهي.

3. آيت: ﴿فَاسْأَلُوا أَهْلَ الذِّكْرِ إِن كُنتُمْ لَا تَعْلَمُونَ﴾ (النحل: ٤٣، الانبياء: ٧)

"تنهنڪري جيڪڏهن اوهين نہ ڄاڻو ٿا تہ علم وارن کان پڇو."

امام النووي (شرح صحيح مسلم، ٢/١٤):

"وفيہ دليل علىٰ أن العامي فرضہ سؤال العلماء والفتوىٰ عند النوازل، وليس لہ الاجتهاد"

هن آيت ۾ دليل آهي تہ عامي لاءِ فرض آهي تہ هو عالمن کان سوال ڪري ۽ فتوىٰ وٺي، ۽ سندس لاءِ اجتهاد جائز ناهي.

امام ابن عبدالبر (جامع بيان العلم، ٢/٥٨):

العامي لا مذهب له، ومذهبه مذهب مفتيه

عامي جو ڪو مستقل مذهب ناهي، سندس مذهب سندس مفتي جو مذهب آهي.

هن آيت ۾ امر «فاسئلوا» وجوب تي دلالت ڪري ٿو. يعني عوام لاءِ اهل علم کان سوال ڪرڻ لازمي آهي.

مقلدين علما جي نظر ۾ هي آيتِ ڪريمہ تقليد جي شرعي حيثيت لاءِ بنيادي ۽ قطعي دليل آهي. اصولِ فقه جو قاعدو آهي تہ الاصل في الامر للوجوب ما لم تصرفه قرينة. يعني امر جو صيغو اصل ۾ وجوب لاءِ هوندو آهي. تنهنڪري "فاسئلوا" ۾ عوام لاءِ اهلِ علم کان سوال ڪرڻ جو حڪم واجب آهي. هر شخص لاءِ اهو ممڪن ناهي تہ هو قرآن ۽ سنت مان سڌو استنباط ڪري، ڇو تہ ان لاءِ عربي لغت، ناسخ و منسوخ، اصول فقه ۽ ٻين علوم ۾ مهارت ضروري آهي. ان ڪري قرآن پاڻ عوام کي حڪم ڏئي ٿو تہ هو پنهنجي اڻڄاڻائي ۾ "اهل الذكر" ڏانهن رجوع ڪن.

امام نووي (شرح صحيح مسلم) ۽ ابن عبدالبر (جامع بيان العلم) لکن ٿا تہ عوام لاءِ پنهنجي فهم تي هلڻ جائز ناهي، بلڪہ اهل علم جي تقليد واجب آهي.

۴. آيت: ﴿أَطِيعُوا اللّٰهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ وَأُولِي الْأَمْرِ مِنكُمْ﴾ (النساء: ۵۹)

"الله جي اطاعت ڪريو، رسول جي اطاعت ڪريو ۽ اوهان مان جيڪي حڪم وارا (اولي الامر) آهن، انهن جي بہ اطاعت ڪريو."

امام طبري (جامع البيان، ۸/۵۰۲):

"وأولو الامر منكم: هم ولاة أموركم من الامراء والفقهاء"

(اولوا الامر توهان مان اهي آهن جيڪي حڪمران ۽ فقها آهن.)

امام الرازي (التفسير الكبير، ۱۰/۱۴۴):

"والمراد بأولي الأمر العلماء، لأن الله تعالى أمر بطاعتهم مطلقا، ولو كانوا

فساقا لما جاز ذلك، فثبت أن المراد بهم العلماء“

(اولوا الامر مان مراد علما آهن، ڇاڪاڻ تہ الله انهن جي اطاعت جو مطلق حڪم ڏنو، ۽ جيڪڏهن مراد فساق حڪمران ٿين ها تہ اهو جائز نہ ٿئي ها ، تنهنڪري مراد اهل علم آهن.)

»أُولِي الْأَمْرِ« ۾ اهل علم، فقها ۽ قضاة شامل آهن. اطاعت جو حڪم وجوب تي دلالت ڪري ٿو، پر شرط اهو آهي تہ سندن حڪم قرآن ۽ سنت جي موافق هجي. امام طبري، ابن ڪثير ۽ رازي جي تفسير موجب امت جي نظم ۽ اتحاد لاءِ اولي الامر جي اطاعت ضروري آهي.

حاصل نتيجو:

قرآني نصوص صاف ظاهر ڪن ٿيون تہ عوام ۽ اهل علم جي ذميوارين ۾ فرق آهي: عوام لاءِ "فاسئلوا أهل الذكر" موجب عالمن کان سوال ڪرڻ ۽ سندن تقليد ڪرڻ واجب آهي، ۽ اهل علم لاءِ اجتهاد. امام نووي، ابن عبدالبر، طبري ۽ رازي جهڙا ائمہ واضح ڪن ٿا تہ عوام لاءِ ذاتي اجتهاد ممنوع آهي ۽ "أولى الأمر" مان فقها ۽ اهل علم مراد آهن. ان مان ثابت ٿيو تہ مطلق تقليد ئي دين جي حفاظت، امت جي وحدت ۽ شريعت جي صحيح فهم لاءِ قطعي ۽ محفوظ رستو آهي. جزوي تقليد خواهش پرستي ۽ انتشار جو در کولي ٿي، تنهنڪري امت جا جليل القدر علماءِ ان کي رد ڪن ٿا.

(مستفادة من وسائل عصرية)

# حديث جي تاريخ

**حديثون ڪيئن جمع ٿيون:**

رسول الله ﷺ جن جي وصال جو سال ١١ هجري آهي ۽ پهرين صدي جي پوئين ڏهي تائين يعني سال ٩٣ هجري تائين رسول الله ﷺ جا سنگتي يا صحابي موجود رهندا آيا ٿي ۽ هو مختلف شهرن ۾ پرڳڻن ۾ پکڙيل هئا جن وٽان هزارين ماڻهو اچي رسول الله ﷺ جا حالات ۽ واقعات ۽ سندن قول ۽ فعل دريافت ڪندا هئا. پهرين صدي جي پوئين وقت ۾ جن صحابي سڀني وفات ڪئي تن جا نالا ۽ وفات جو ورهه، جنهن شهر ۾ وفات ڪيائون سي هيٺ لکيا وڃن ٿا.

| نالو | شهر | سال وفات |
|---|---|---|
| ابوامامه باهلي رضي الله عنه | شام | ٨٦هه |
| عبدالله بن حارث رضي الله عنه | مصر | ٨٦هه |
| عبدالله بن ابي اوفيٰ رضي الله عنه | ڪوفه | ٨٧هه |
| سائب بن يزيد رضي الله عنه | مدينه | ٩١هه |
| انس بن مالڪ رضي الله عنه | بصره | ٩٣هه |

انس بن مالڪ رضي الله عنه جنهن سڀني کان پوءِ وفات ڪئي سو حضرت نبي ڪريم ﷺ جو خادم هو برابر ڏهه ورهه لڳو لڳ خدمت ۾ رهيو هو.

صحابين جي زماني کان پوءِ سندن شاگردن جو زمانو شروع ٿئي ٿو جن کي تابعي چيو ويندو آهي ۽ تابعي پهرين صدي هجري ۾ پيدا ٿي چڪا هئا. مگر نبي ڪريم ﷺ جن جي زيارت نصيب نه ٿي هين يا وري ننڍا ٻارڙا هئا جو نبي ڪريم ﷺ جن جي صحبت مان فيض پرائي نه سگهيا، جيئن ته عبدالرحمٰن بن حارث تابعي جو سال ٣ هجري ۾ ڄائو،

نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال وقت هو اٺن يا نون سالن جي ڄمار جو هو جنهن ڪري پاڻ سڳورن جي صحبت کان پوري طرح فائدو حاصل نہ ڪري سگهيو. اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترا تابعين سڳورا آهن.

صحابين کان پوءِ ڪيترا تابعي ساري اسلامي دنيا ۾ پکڙجي ويا جن جو ڪم پوءِ اهو هو تہ رسول الله ﷺ جي قولن ۽ فعلن ۽ سندن حالات جي ماڻهن ۾ پوري طرح پروپئگنڊا ۽ اشاعت ڪندا رهن ۽ رسول اللهﷺ جي حڪمن موجب ماڻهن جا فيصلا ڪن ۽ فتوائون ڏين. انهن تابعين جو دنيا ۾ ڪيترو عدد هو. ان جو اندازو هيٺين واقعي مان ڪري سگهبو جو فقط مديني جي شهر ۾ جن تابعين سڳورن وڏن وڏن صحابين کي ڏٺو هو ۽ کانئن مسائل سکيا هئا تن جو تعداد ١٣٩ هو. ٻين جن عام صحابين کي ڏٺو هو ۽ کانئن ڪجهہ ٻڌو هو. سي ١٢٩_هئا پر انهن تابعي جن ڪنهن صحابي کي ڏٺو هو ۽ کانئن ٿورو ڪجهہ ٻڌو بہ هو سي ٨٧ هئا. يعني تہ فقط مديني جي هڪڙي شهر ۾ ڪل تابعي ٣٥٥ هئا.ان تي مڪي معظمه ۽ ڪوفي، بصري، طائف دمشق، يمن ۽ مصر جي تابعي سڳورن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو جن مٿين شهرن ۾ رهاڪو صحابين کان ٻڌو هوندو ۽ سندن شاگرديءَ جو شرف حاصل ٿيو هوندن.

**صحابين ۾ حديثن ياد ڪرڻ جو شوق:**

صحابين سڳورن کي جو پيغمبر اسلامﷺ سان عشق ۽ محبت هئي. ان جو ئي هي اثر هو جو پنهنجي محبوب جي هر هڪ قول ۽ هر هڪ فعل کي نهايت ڪوشش سان ياد رکندا هئا. ۽ سندن وفات کان پوءِ رات ڏينهن سندن اهو پئي شغل رهندو آيو جو نبيﷺ جن جي قولن ۽ فعلن جي پوري طرح اشاعت ۽ تبليغ ڪندا رهيا. صحابين جي شاگردن يعني تابعين وري ايڏو اهتمام رکيو هو جو هر هڪ صحابيءَ کان جيڪي ٻڌائون تنهن جو شمار ڪيو ويو ۽ هيٺ انهن صحابين جا نالا ۽ سندن روايتن جو اندازو ڏيکاريو وڃي ٿو، جن جون روايتون سڀني کان وڌيڪ آهن:

| نالو | حديثن جو تعداد | سال وفات |
|---|---|---|
| ابو هريره رضي الله عنه | ٥٣٧٤ | ٥٩هجري |
| عبدالله بن عباس رضي الله عنه | ٢٦٦٠ | ٦٨هجري |
| عائشه صديقه رضي الله عنها | ٢٢١٠ | ٥٠ هجري |
| جابر بن عبدالله رضي الله عنه | ١٥٦٠ | ٧٨هجري |
| عبدالله بن عمر رضي الله عنه | ١٦٣٠ | ٧٣ هجري |
| انس بن مالڪ رضي الله عنه | ١٢٨٦ | ٩٣هجري |
| ابو سعيدخدري رضي الله عنه | ١١٧٠ | ٧٤ هجري |

صحابي سڳورن کي رسول الله ﷺ جو حڪم هو تہ ١-بلغوا عني يعني مون وٽان جيڪو ٻڌو يا ڏسو سو ٻين تائين پهچايو.٢-فليبغ الشاهد الغائب يعني منهنجي حاضري جا ماڻهو منهنجيون ڳالهيون انهن کي پهچائين جي مون وٽ موجود نہ آهن. انهن حڪم پٺاندر صحابي سڳورن نبي ڪريم ﷺ جن وٽان جيڪي ٻڌو يا وٽن جيڪي ڏٺو سو پنهنجن دوستن مائٽن ۽ اولاد ملاقاتين کي ٻڌائيندا رهيا. اهو ئي سندن زندگيءَ جو وڏو ڪم اهوئي سندن پيارو ۽ سب کان مقدم ڌنڌو هو. صحابين کان پوءِ جيڪا تابعين جي نوجوان ٽولي پيدا ٿي تن صحابين کان سڪيل سموري معلومات جي پوري پڪائي سان انجي حفاظت لاءِ ڪمر ٻڌي ۽ هر هڪ لفظ کي ياد ڪري ڇڏيائون.

**رسول الله ﷺ جن تي ڪوڙ هڻڻ جي منع:**

نبي ڪريم ﷺ جن جيئن پنهنجن قولن ۽ فعلن جو ٻين تائين پهچائڻ جو تاڪيد ڪيو هو تيئن هي بہ حڪم ڏنو هيائون تہ جيڪو ماڻهو مون تي ڄاڻي واڻي ڪوڙ هڻندو (يعني تہ رسول الله ﷺ جن هيئن فرمايو آهي) تہ ان جو ٺڪاڻو جهنم آهي. انهيءَ حڪم جو سبب هو

جو وڏا وڏا صحابي نبي ڪريم ﷺ جن ڪان روايت ڪندي ڏاڍو ڪنبندا ۽ ڊڄندا هئا. عبدالله بن مسعود رضي الله عنه هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ جن ڪان هڪ ڳالهه نقل ڪندي ڏنو جو سندن چهري جو رنگ بدلجي ويو. پوءِ چيائين تہ نبي ڪريم ﷺ جن ائين فرمايو آهي يا ان جهڙو ئي فرمايو هوندائون. يعني تہ ابن مسعود رضي الله عنه نبي ڪريم ﷺ جن ڏانهن جيڪي الفاظ منسوب ڪري رهيو هو، تن ڪان ايترو ڊنو ٿي تہ متان ڪو لفظ گهٽ وڌ هجي. پوءِ توڙي جو واقعي جي معنيٰ بلڪل سچي هئي، تڏهن بہ سندس حالت دگر گون ٿي وئي، هي اثر هو انهيءَ چتاءُ جو، جو پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو هئائون تہ: من كذب على متعمدا فليتبوا مقعده من النار (بخاري مسلم)

**نبي ڪريم ﷺ جن جي زماني ۾ حديثون لکيو ويندیون هيون يا ياد ڪبيون هيون:**

(۱) صحابين ۾ حضرت عمر رضي الله عنه ۽ ٻين ڪن جو خيال هو تہ قرآن ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ شيءَ ڪي قلمبند نہ ڪيو وڃي ڇو تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو هو تہ : لا تكتبوا عنى غير القرآن يعني تہ قرآن ڪان سواءِ مون ڪان ٻي ڪا بہ شيءِ نہ لکو. اهو حڪم هن ڪري ڏنو ويو هو تہ قرآن ۽ غير قرآن يعني نبي ڪريم ﷺ جن جا قول قرآن سان گڏجي نہ پون. پوءِ جڏهن قرآن شريف چڱي طرح مسلمانن ڪي ياد ٿي ويو تڏهن نبوي زماني ۾ حديثون ۽ ڪجهه واقعات لکڻ ۾ آيا، مگر مٿين حڪم جي موجودگيءَ جي ڪري پڇاڙيءَ تائين گهڻا صحابي ان ڪان پرهيز ڪندا رهيا.

(۲) عربن جو يادگيرو قدرتي طرح ڏاڍو قوي هو، هنن ڪي سوين قصيدا ۽ شعر زباني ياد هوندا هئا. هنن پنهنجي يادگيري جي قوت ڪي اسلام ڪان پوءِ حديثن جي ياد ڪرڻ ۾ لڳايو ۽ رسول الله ﷺ جن جي هڪ هڪ واقعي ۽ سندن هڪ هڪ قول ڪي ائين ياد ڪندا هئا جيئن قرآن شريف ياد ڪيو وڃي ٿو. هنن جو خيال هو تہ جا شيءَ ياد ڪئي ويندي آهي، تنهن جي لکڻ جي ڳڻتي ڪا نہ رهندي آهي انهيءَ ڪري بہ هو حديثن ڪي

گهڻو ڪري نہ لکندا هئا.

(۳)عرب ڪنهن بہ واقعيڪي لکڻ کان وڌيڪ ياد ڪرڻ پلو سمجهندا هئا. بلڪ لکت جي مدد سان ڪنهن ڳالهہ کي پنهنجي ذهن ۾ رکڻ کي عيب ڄاڻندا هئا ۽ اها وٽن هڪ وڏي ڪمزوري سمجهي ويندي هئي. مگر ان سان گڏ جيڪڏهن اوهان هيٺئين مضمون کي غور سان پڙهندا تہ اوهان کي صاف ڏسڻ ۾ ايندو تہ رسول اللهﷺ جي زماني ۾ بعض حديثون ۽ واقعات قلمبند ٿيا آهن ۽ ان کان پوءِ اهو سلسلو وڌندو رهيو آهي: ١_فتح مڪي وقت پاڻ جيڪو خطبو فرمايو هئائون يمن جي هڪ صحابي جي عرض ڪرڻ تي ڪيس لکرائي ڏنائون (صحيح بخاري) ٢_ ابو هريره رضي الله عنه فرمايو آهي تہ عبدالله بن عمر بن عاص رضي الله عنه کان سواءِ حديثن جو سرمايو مون کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن وٽ ڪونہ آهي ڇو تہ هو لکندو هو مان لکندو نہ هيس (بخاري ڪتاب العلم) ٣_ عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنه چيو تہ نبيﷺ جن هڪ ڀيري پنهنجي وات مبارڪ ڏي اشارو ڪري فرمايو تہ ان مان جيڪي نڪري سو لکندو وڃ ڇو تہ ان مان حق ئي نڪري ٿو (ابوداٶد جلد_٢) جناب عبدالله بن عمر، نبي ڪريم ﷺ جن جي حديثن جي مجموعي جو نالو صادقه رکيو هو. فرمائيندو هو تہ منهنجي ڇمار جون جيڪي مرادون آهن تن مان وڏي کان وڏي مراد صادقه آهي ،جو مان ان کي رسول اللهﷺ کان ٻڌي لکيو آهي. (طبقات ابن سعد_ دارمي) ۴_نبي ڪريم ﷺ جن هڪ ڀيري مديني جي مسلمانن جي آدمشماري ڪرائي ۽ سمورن جا نالا قلمبند ڪيا ويا پوءِ ڳڻپ مان معلوم ٿيو تہ ڪل ١۵_سؤ انصاري هئا. ( بخاري باب الجهاد)

۵_زڪوات جا مسئلا ۽ جدا جدا شين تي زڪوات جا حڪم نبي ڪريم ﷺ جن پورن ٻن صفحن تي لکي مختلف اميرن ۽ زڪوات اڳاڙيندڙن ڏي موڪليا هئا ۽ اهي لکيل حڪم حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ جناب ابوبڪر بن عمرو بن حزم ۽ ٻين ڪيترن صحابين وٽ موجود هئا. (دارقطني ڪتاب الزڪواة) ٦_ حضرت علي رضي الله عنه وٽ هڪ لکيل رسالو هو

جو گهڻو ڪري ترار جي مياڻ ۾ پيو هوندو هوس. جنهن ۾ حضرت پيغمبر ﷺ جن جون ڪيتريون حديثون لکيل هيون. حضرت علي رضي الله عنه ماڻهن جي عرض ڪرڻ تي ڪين ڏيکاريندو هو (بخاري) ٧_حديبية جي جاءِ تي جو نبي ڪريم ﷺ جن ۽ قريشي ڪافرن جي وچ ۾ صلح نامو ٿيو سو پڻ حضرت علي رضي الله عنه جي دستخط سان لکيل هو جنهن جو هڪ نقل قريشن وٽ هو ۽ هڪ نقل نبي ڪريمﷺ پاڻ وٽ رکيو هو. (طبقات ابن سعد) ٨_جناب عبدالله بن الحڪم کي نبي ڪريم ﷺ جن هڪ هدايت نامو لکي ڏنو جنهن ۾ مئل جانورن جي حرام هجڻ بابت هدايتون ڏنل هيون. ٩_جناب وائل بن حجر جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت مان پنهنجي وطن حضر موت موٽڻ لڳو تہ رسول الله ﷺ هن کي هڪ حڪم لکي ڏنو جنهن ۾ نماز، روزي، وياج، شراب ۽ ٻين ڳالهين بابت حڪم هو (طبراني) ١٠_هڪ ڀيري عمر بن خطاب رضي الله عنه هڪ عام جلسي ۾ پڇيو تہ ڪنهن کي پتو آهي تہ مڙس جي ديت مان زال کي پيغمبرنبي ڪريم ﷺ جن ڇا ڏياريندا هئا؟ ان تي ضحاڪ بن سفيان اٿي چيو تہ هائومون کي سُڌ آهي. ان بابت نبي ڪريم ﷺ جن مون کي لکيل حڪم موڪليو هو. (دارقطني) ١١_جناب عمر بن عبدالعزيز اموي پنهنجي خلافت واري زماني (سنہ ٩٩ کان سنہ ١٠١هه) ۾ زڪواتن جي حڪم بابت ڳولا ڪرائيندي مديني وارن ڏانهن قاصد موڪليو تہ ان باري ۾ لکيل حڪم عمرو بن حزم صحابي جي اولاد وٽان ملي ويو ( دارقطني) ١٢_ نبي ڪريم ﷺ جن هڪ ڀيري يمن جي مسلمانن ڏي هيٺيان مسئلا لکرائي موڪليا. قرآن کي پاڪائي جي حالت ۾ هٿ لاٿو وڃي. ڪو بہ ٻانهو ڳنهڻ کان اڳ آجو نٿو ڪري سگهجي، نڪاح کان اڳ ۾ طلاق نٿي پوي (دارمي)١٣_مروان بن حڪم خطبو ڏيندي چيو تہ مڪو ئي حرم آهي تنهن تي رافع بن خديج صحابي دانهن ڪري چيس تہ مدينو بہ حرم آهي، ۽ اهو مون وٽ لکيل موجود آهي چوين تہ پڙهي ٻڌايانءِ. (مسند امام احمد بن حنبل)

(هلندڙ)

# پهرين صدي هجريءَ جو ن مشهور فقيهہ عورتون

## سنڌيڪار: اختر علي مهر

اسلام ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي کي علم حاصل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي؛چنانچه حضورصلي الله عليہ وسلم جنهن طرح مرد کي تعليم ڏيندا هئا، انهن کي قرآن پاڪ ۽ دين جا احڪام سيکاريندا هئا، اهڙيءَ طرح عورتن جي تعليم تي بہ خصوصي توجہ ڏيندا هئا. اهو ئي سبب آهي تہ جنهن طرح مردن مان فقها ۽ محدثين ۽ ٻين علمن ۽ فنون ۾ مهارت رکندڙ پيدا ٿيا، اهڙيءَ طرح عورتن مان بہ بلند پايہ عالمات، محدثات، فقيهات گذريون آهن، علمي ميدان ۾ عورتون ڪنهن بہ طرح مردن کان پوئتي نہ رهيون، اگرچہ تعداد جي اعتبار سان ڪمي بيشي ٿي سگهي ٿي.

هيٺ اسان انهن فقيهہ عورتن جو ذڪر ڪنداسين،جن يا تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جي زيرِ تربيت فقہ جي تعليم حاصل ڪئي، يا پوءِ حضورصلي الله عليہ وسلم جي تربيت يافتہ ماڻهن کان شرفِ تلمذ حاصل ڪيو. يعني پهرين صدي هجري جي مشهور فقيهہ عورتن جو مختصر ذڪر ڪنداسين جن جي فقيهہ هئڻ جي اهلِ علم تصديق ڪئي آهي.

واضح رهي تہ صحابيات وغيره هڪ وڏي جماعت کي فقه سان خصوصي شغف ۽ ان ۾ مهارت حاصل هئي ۽ بجا طور هو ”فقيهہ“ سڏجڻ جي مستحق هيون؛ پر هيٺ اسان پهرين صدي جي صرف انهن عورتن جي ذڪر تي اڪتفا ڪيو آهي جن جي فقيهہ هئڻ جي اهلِ علم تصريح ڪئي آهي.

### پهرين فقيهہ خاتون: ام المؤمنين حضرت عائشه رضي الله عنها

ام المؤمنين حضرت عائشه رضي الله عنها حضرت ابو بڪر صديق جي ڌيءَ آهي، سندس والده جو نالو ام رومان هو. حضورصلي الله عليہ وسلم سان رشتہءِ ازدواج ۾ منسلڪ رهيون. فتاويٰ ۽ حديث ٻنهي لحاظ کان انهن جو شمار ”مُڪثرين“ ۾ ٿئي ٿو. حضور ﷺ جي رحلت وقت انهن جي عمر اَرڙهن سال هئي، حديثن ۾ انهن جا ڪيترائي مناقب وارد

ٿيا آهن، سن ٥٨ھ ۾ انهن جو انتقال ٿيو، ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيون.(۱)

**حضرت عائشه جي فقاهت**

حافظ ابن حجر (۲)، علامہ زرڪشي (۳) ۽ بعض ٻين حضرات ڪيس فقيهہ چيو آهي. پڻ ڪيترن ئي بلند پايہ اهلِ علم انهن جي فقهي بصيرت، قوتِ استدلال ۽ علم ۾ پختگي جي گواهي ڏني آهي؛ چنانچه حضرت ابو موسىٰ اشعري فرمائن ٿا:

ما أشكل علينا أصحاب رسول الله صلي الله عليه و سلم حديث قط فسألنا عائشة إلا وجدنا عندها منه علماً (۴)

”جڏهن اسان ماڻهن يعني حضورﷺ جي صحابن کي ڪنهن حديث بابت اشڪال ٿيندو ۽ پوءِ ان جي باري ۾ حضرت عائشه رضي الله عنها کان پڇندا هئاسين تہ لازمي طور انهن وٽ ان جو علم هوندو هو.“

حضرت عطا فرمائن ٿا:

كانت عائشة أفقه الناسِ و أعلمَ الناس.(۵)

حضرت عائشه ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ فقيهہ ۽ سڀ کان وڌيڪ علم واريون هيون.

حضرت عروه بن زبير فرمائن ٿا:

ما رأيت أحدًا أعلمَ بفقه ولا بطبٍ ولا بشعرٍ من عائشة. (٦)

”مون حضرت عائشه کان وڌيڪ فقه، طب ۽ شعر جو علم رکندڙ ڪنهن کي نہ ڏٺو.“

حضرت مسروق جو بيان آهي:

رأيت مشيخة أصحاب محمد الأكابر يسألونها عن الفرائض.(۷)

مون حضورﷺ جي وڏن وڏن صحابن کي ڏٺو تہ هو حضرت عائشه کان ميراث بابت سوال ڪندا هئا.

**ٻي فقيهہ خاتون: ام المؤمنين حضرت ام سلمه رضي الله عنها**

ام المؤمنين حضرت ام سلمه رضي الله عنها جو نالو ”هند بنت ابي اميہ“ آهي، انهن جو پهريون نڪاح حضرت ابو سلمہ سان ٿيو، انهن جي

وفات کان پوءِ سن ۴ھ ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم ساڻس نڪاح ڪيو، امهات المؤمنين مان سڀ کان آخر ۾ انهن جي وفات ٿي، سن ٦٢ھ ۾ مديني منوره ۾ انهن جو انتقال ٿيو، ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيون.(٨)

## حضرت ام سلمه رضي ا لله عنها جي فقاهت

علامہ ذهبي انهن کي فقيهہ چيو آهي (٩)، ۽ ڪيترن ئي حديثن مان انهن جي فقاهت، فراست ۽ عمده ذهانت جو اندازو ٿئي ٿو: چنانچہ صلح حديبيہ جي موقعي تي جڏهن حضورﷺ صحابن کي عمره بنا ڪرڻ جي حڪم ۾ حلق ڪرڻ لاءِ چيو. جڏهن حضرت ام سلمہ کي اها ڳالهہ معلوم ٿي تہ انهن حضورﷺ کي عرض ڪيو تہ پاڻ پنهنجا وار ڪٽرايو؛ چنانچہ جڏهن صحابن حضورﷺ کي وار ڪٽرائيندي ڏٺو تہ انهن بہ هڪ ٻئي جا وار ڪترڻ شروع ڪيا. اهڙي طرح سندس فقاهت جون پيون بہ ڪيترين ئي مثالون موجود آهن.(١٠)

## ٽين فقيهہ خاتون: ام المؤمنين حضرت جويريہ رضي الله عنها

ام المؤمنين حضرت جويريه رضي الله عنها بنو مصطلق قبيلي جي سردار "حارث" جي ڌيءَ هيون، غزوه بني مصطلق ۾ قيد ٿيون، حضورصلي الله عليہ وسلم انهن جي طرفان بدلِ ڪتابت ادا ڪري آزاد ڪيو ۽ پوءِ انهن سان نڪاح ڪيو. جڏهن صحابن کي خبر پئي تہ حضور ﷺ انهن سان نڪاح ڪيو آهي تہ انهن بني مصطلق جا سڀئي قيدي آزاد ڪري ڇڏيا. چنانچه حضرت عائشه رضي الله عنها انهن بابت فرمائن ٿيون:

فما أعلمُ امرأة أعظمَ بركة منها على قومِها.(١١)

"مون ڪنهن عورت کي نہ ڏٺو جيڪو پنهنجي قوم لاءِ حضرت جوىريه کان وڌيڪ بابرڪت هجي."

ربيع الاول، سن ٥٦ھ ۾ انهن جو انتقال ٿيو.(١٢)

## حضرت جويريه رضي الله عنها جي فقاهت

" نساء حول الرسول" جي ليکڪ محمد برهان حضرت جويريہ کي فقيهہ چيو آهي (١٣)؛ چنانچہ انهن جا ڪجهہ فتاويٰ "مصنف ابن ابي شيبہ" ۾

”مصنف عبدالرزاق“ ۾ موجود آهن.(١٤)

**چوٿين فقيهہ خاتون: حضرت زينب بنت ابي سلمه رضي الله عنها**

حضرت زينب بنت ابي سلمه رضي الله عنها ام المومنين حضرت ام سلمه رضي الله عنها جي ڌيءَ هيون؛ تنهنڪري حضور اڪرم ﷺ جي شفقت بہ کيس حاصل رهي. پاڻ، پنهنجي اولاد وانگر محبت ڪندا هئا؛ چنانچہ هڪ ڀيري جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ وٽ وئي تہ پاڻ، حضرت زينب بنت ابي سلمه جي چهري تي ازراهِ تلطّف پاڻيءَ جا ڦڙا هنيا، جنهن جي برڪت سان وڏي عمر تائين سندن چهري تي جواني جي تازگي ۽ رونق باقي رهي.(١٥) سندس انتقال سن ٧٤ھ ۾ ٿيو.(١٦)

**حضرت زينب بنت ابي سلمه رضي الله عنها جي فقاهت**

ڪيترن اهلِ علم ،کيس فقيهہ چيو آهي؛ چنانچہ علامہ ابن اثير، جزري ۽ ابن عبد البر کيس ”من أفقه نساءِ أهلِ زمانها “(پنهنجي زماني جي وڏي فقيهہ عورتن مان هڪ) قرار ڏنو آهي. (١٧) ۽ حضرت ابو رافع چون ٿا:

كنت إذا ذكرتُ امرأةً بالمدينةِ فقيهةً ذكرتُ زينب بنت أبي سلمة. (١٨)

يعني: ”مان جڏهن بہ مديني جي ڪنهن فقيهہ عورت جو ذڪر ڪندو هئس، تہ زينب بنت ابي سلمه جو ئي ذڪر ڪندو هئس.“

**پنجين فقيهہ خاتون: حضرت فاطمہ بنت قيس رضي الله عنها**

مشهور صحابيہ آهي، ابتدائي هجرت ڪندڙ عورتن مان هئي. سندس پهرين مڙس ابو بڪر بن حفص کيس طلاق ڏني هئي ۽ عدت کان پوءِ ڪيترن ماڻهن انهن ڏانهن نڪاح جو پيغام موڪليو، تڏهن حضورصلي الله عليہ وسلم جي مشوري سان اسامہ بن زيد رضي الله عنه سان نڪاح ڪيو. حضرت عمر رضي الله عنه جي وفات کان پوءِ جڏهن نئون خليفو چونڊڻ لاءِ اهلِ شوريٰ گڏ ٿيا تہ اهو اجتماع سندس ئي گهر ۾ ٿيو.(١٩) سندس انتقال تقريباً سن ٥٠ھ ۾ ٿيو.(٢٠)

**حضرت فاطمہ بنت قيس رضي ا الله عنها جي فقاهت**

امام شعبي کيس فقيهہ چيو آهي؛ چنانچہ هڪ ڀيري جڏهن هنن مطلقہ

(طلاق يافتہ عورت) لاءِ عدت جي دوران نفقہ ۽ رهائش جي عدمِ وجوب بابت حضرت فاطمہ بنت قيس جي حديث بيان ڪئي، تڏهن اتي موجود هڪ شخص چيو تہ حضرت عمر رضي الله عنه تہ فاطمہ بنت قيس جي اها روايت رد ڪئي هئي، ان تي امام شعبي فرمايو:

ألا أصدّقُ امرأةً فقيهةً نزل بها هذا؟ (٢١)

”ڇا مان هڪ فقيهہ عورت جي تصديق نہ ڪريان، جنهن تي پاڻهي اهو مسئلو پيش آيو هو؟“

**ڇهين فقيهہ خاتون: حضرت صفيہ بنت شيبہ رضي الله عنها**

حضرت صفيہ صغار صحابيات مان آهن. سندن والد شيبہ بن عثمان بن ابي طلحه ڪعبي جي حفاظت ڪندڙن مان هئا. حضرت صفيہ بنت شيبہ حضور صلي الله عليه وسلم کان سڌو حديثون روايت ڪيون ۽ امهات المؤمنين جهڙوڪ حضرت عائشہ، حضرت ام حبيبہ ۽ حضرت ام سلمہ ۽ ٻين صحابن کان بہ روايتون ڪيون.(٢٢) وليد بن عبد الملڪ جي خلافت ۾ سن ٩٠ھ ۾ وفات ڪئي.(٢٣)

**حضرت صفيہ بنت شيبہ رضي ا لله عنها جي فقاهت**

علامہ ذهبي انهن کي فقيهہ چيو آهي (٢٤). علم سان گهري دلچسپي هئي، ڪيترن ماڻهن انهن کان حديثون روايت ڪيون. اصحابِ سنن متصلاً سندس حديث روايت ڪئي آهي ۽ امام بخاري تعليقاً حديث نقل ڪئي آهي.(٢٥)

**ستين فقيهہ خاتون: حضرت ام درداء صغري**

سندن نالو ”هجيمہ بنت حيي“ آهي. حضورصلي الله عليہ وسلم جي مشهور صحابي حضرت ابو درداء جي ٻي زال هئي. سندن پهرين زال ”خيره“ هئي، جنهن جي ڪنيت ام درداء ڪبرىٰ هئي ۽ اهي صحابيہ هيون، جڏهن تہ ام درداء صغري تابعين مان آهي. حضرت ابو درداء جي وفات کان پوءِ حضرت معاويہ رضي الله عنه ڏانهس نڪاح جو پيغام موڪليو: پر پاڻ انڪار ڪيو. سن ٨١ھ ۾ وفات ڪئي.(٢٦)

## حضرت ام درداء صغري رضي الله عنها جي فقاهت

امام بخاري (٢٧)، امام مکحول ۽ ٻين ڪيترن اهلِ علم انهن کي فقيهہ چيو آهي (٢٨). سڄي زندگي حديث ۽ فقه جي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ پوءِ ان جي نشر و اشاعت ۾ گذاري. خاص طور فقه ۾ وڏي مقام رکندڙ هيون؛ علامہ نووي فرمايو:

واتفقوا على وصفها بالفقه. (٢٩)

يعني: ”اهلِ علم جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ اهي فقيهہ هيون.“

## اٺين فقيهہ خاتون: حضرت عمره بنت عبد الرحمن

حضرت عمره بنت عبد الرحمن تابعين مان هيون. سندس والد عبد الرحمن ۽ ڏاڏو سعد بن زراره ٻئي صحابي هئا. مشهور محدث ابوبڪر ابن حزم جي ماسي هئي. ننڍپڻ کان حضرت عائشه رضي الله عنها جي پرورش ۾ رهيون، جنهن ڪري ڪانئس گهڻيون حديثون روايت ڪيون. سندس وفات جي تاريخ ۾ اختلاف آهي، ابو حسان زيادي ۽ ٻيا چون ٿا تہ سن ٩٨ھ ۾ وفات ڪئي.(٣٠)

## حضرت عمره بنت عبد الرحمن رضي الله عنها جي فقاهت

ڪيترن ئي اهلِ علم جيئن علامہ ذهبي (٣١) ۽ هجراني وغيره انهن کي فقيهہ چيو آهي (٣٢). حضرت عائشه جي ڀائيٽي حضرت قاسم بن محمد (مديني جي فقها سبعہ مان هڪ) هڪ ڀيري امام زهري کي چيائين: ”اي ٻار، مان تو کي علم حاصل ڪرڻ ۾ تمام شوقين ڏسان ٿو، ڇا تو کي علم جي خزاني بابت نہ ٻڌايان؟“ امام زهري چيو: ”ها ڇو نہ!“ تڏهن حضرت قاسم فرمايو: ”عمره بنت عبد الرحمن جي خدمت ۾ پابندي سان حاضر ٿيو.“ امام زهري چون ٿا: ”جڏهن مان حضرت عمره وٽ ويس، مون انهن کي علم جو نہ ختم ٿيندڙ سمنڊ ڏٺو.(٣٣)“

## نائين فقيهہ خاتون: حضرت بنت زيد بن ثابت انصاري

مشهور صحابي ۽ ڪاتبِ وحي حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه جي ڌيءَ کي ڪيترن اهلِ علم فقيهہ چيو آهي. البت ڪهڙي ڌيءَ مراد آهي، ان ۾

اختلاف آهي. علامہ ابن ملقن سندن نالو ”ام سعد“ لکيو آهي (٣٤)، جڏهن تہ حافظ ابن حجر ”ام ڪلثوم“ لکيو آهي.(٣٥)

**حضرت بنت زيد بن ثابت رضي الله عنها جي فقاهت**

حافظ ابن حجر انهن کي فقيهہ چيو آهي. امام بخاري حيض سان لاڳاپيل سندن روايت تعليقاً بيان ڪئي آهي ۽ امام مالڪ ان کي متصلاً نقل ڪيو آهي.(٣٦)

**ڏهين فقيهہ خاتون: حضرت معاذه عدويہ**

حضرت معاذه بنت عبد الله عدويہ نهايت پرهيزگار، عبادت گذار ۽ علم واري عورت هئي. وڏن وڏن محدثن انهن کان علم حاصل ڪيو، جن ۾ ايوب سختياني، جعفر بن ڪيسان ۽ يزيد الرشڪ شامل آهن. صبر ۽ الله جي فيصلي تي راضي رهڻ جو اهڙو عالم هو جو جڏهن سندن مڙس حضرت صله بن اشيم ۽ پٽ هڪ جنگ ۾ شهيد ٿيا تہ ڪجهہ عورتون تعزيت لاءِ آيون، تڏهن فرمايائون: ”جيڪڏهن اوهين مونکي مبارڪ ڏيڻ لاءِ آيون آهيو تہ ڀليڪار، پر جيڪڏهن ٻي نيت سان آيون آهيو تہ واپس وڃڻ اوهان لاءِ بهتر آهي.“ سن ٨٣هہ ۾ وفات ڪئي.(٣٧)

**حضرت معاذه عدويہ رضي ال لہ عنها جي فقاهت**

علامہ ذهبي (٣٨) ۽ هجراني انهن کي فقيهہ چيو آهي. (٣٩) مشهور محدث جعفر بن ڪيسان چون ٿا: ”مون معاذه عدويہ کي ڏٺو، هوءَ پردي ۾ هئي ۽ عورتون مختلف مسئلا کين پڇي رهيون هيون.(٤٠) “

خلاصو اهو آهي تہ اسلام ۾ تعليم حاصل ڪرڻ بابت مرد ۽ عورت ٻنهي کي برابر حڪم ڏنو ويو آهي. علمي ميدان ۾ عورتون مردن کان پوئتي نہ رهيون. ان ڳالهہ جي هڪ وڏي دليل اها آهي تہ پهرين صدي هجري ۾ ئي وڏين وڏين عورتن جي فقيهہ هئڻ جي وڏن اهلِ علم گواهي ڏني آهي.

**حوالا:**

(١) سير عالم النبلاء الذهبي، (٣/٤٢٦)، ناشر: دارالحديث، قاهره، ١٤٢٧هہ - ٢٠٠٦ع.
(٢) تهذيب التهذيب از ابن حجر، (١٢/٣٨٤)، ناشر: دار الفڪر، بيروت، ١٤٠٤هہ - ١٩٨٤ع.
(٣) الاجبة الامة استدقات عائشة الصحابہ از الزرقاشي، (ص ٣٧)، المڪتب الاسلامية،

بيروت، ۱۳۹۰هه-۱۹۷۰ع.
(۴) سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب فضائل عائشه رضي الله عنها، (۱۸۸/۶)، حديث نمبر: ۳۸۸۳، ناشر: دار الغرب الاسلامي، بيروت، ۱۹۹۸ع.
(۵) المستدرک علي صحاحين از الحکيم، (۱۵/۴)، دار الکتب العلميہ - بيروت، ۱۴۱۱هه-۱۹۹۰ع.
(۶) الاستيعاب في معرفة الاصحاب از ابن عبدالبر، (۱۸۸۳/۴)، دار الجل بيروت، ۱۴۱۲هه-۱۹۹۲ع.
(۷) تهذيب التهذيب از ابن حجر، (۳۸۶/۱۲).
(۸) معارف الصحابہ از الاصبحاني، (۳۲۱۸/۶)، ناشر: دار الوطن الرياض، ۱۴۱۹هه-۱۹۹۸ع.
۽ اسد الغابہ في معارف الصحابہ از الجزاري، (۲۷۸/۷)، ناشر: دار الکتب العلميہ، بيروت.
(۹) سيار عالم النبلاء از الذهبي، (۲۰۳/۲).
(۱۰) الاعلام از الزرقلي، (۹۷/۸)، ناشر: دار العلوم لعل المالعين، ۲۰۰۲ع.
(۱۱) اسد الغابہ از ابن اثير الجزري، (۵۷/۷).
(۱۲) الاستعاب از ابن عبدالبر، (۱۸۰۴/۴).
(۱۳) نساء حول الرسول، محمد برهان، (ص ۳۷)، ناشر: دار الجل.
(۱۴) المصنف از عبدالرزاق، كتاب الطهارة، باب سورة المرعة، (۱۰۶/۱)، حديث نمبر ۳۷۷، ناشر: المکتب الاسلامية - بيروت - ۽ المصنف از ابن ابي شيبہ، كتاب الطهارة، كتاب التحارة، في المصنف، الوضوء، (۳۸/۱)، ناشر: مکتبة الرشيد الرياض.
(۱۵) الاستعاب از ابن عبدالبر، (۱۸۵۵/۴).
(۱۶) The Journey of the Noble Ones از الذهبي، (۳۰۱/۴).
(۱۷) الاستيعاب از ابن عبدالبر، (۱۸۵۵/۴) ۽ اسد الغابہ از الجزري، (۱۳۲/۷)
(۱۸) تهجيب التحذيب از ابن حجر، (۴۵۰/۱۲)، ترجمو نمبر: ۲۸۰۱.
(۱۹) اسد الغابہ از ابن الاثير الجزري، (۲۲۴/۷)، ترجمو نمبر: ۱۹۳۷.
(۲۰) العالم از الزرقلي، (۱۳۱/۵).
(۲۱) ابو عوانہ، كتاب الطلاق، باب ان خبر تي جيکو طلاق يافتہ عورت کي سندس مڙس لاءِ تي پيرا نان نفقو ۽ رهائش نہ ڏئي، (۱۸۱/۳)، ناشر: دار المعرفة، بيروت، ۱۴۱۹ هجري-۱۹۹۸ عيسوي مان کڍيو ويو آهي.
(۲۲) تحذيب التهذيب از ابن حجر، (۳۸۱/۱۲)، ترجمو نمبر: ۸۹۷۸.
(۲۳) الوافعي بال وفىات از سفادي، (۱۹۰/۱۶)، ناشر: دار احياء التورات العربي بيروت، ۱۴۲۰هه- ۲۰۰۰ع.

(٢٤) سيّر عالم النبلاء از الذهبي، (٤/ ٤٧٤).
(٢٥) تحذيب التهذيب از ابن حجر، (٣٨١/١٢) - الكشف از الذهبي، (٥١٣/٢)، ترجمو نمبر: ٧٠٢٧، ناشر: دار القبلہ جده، ١٤١٣هـ - ١٩٩٢ع.
(٢٦) تحذيب الڪمال في اسماء الرجال از المازي، (٣٥٢/٣٥)، ترجمو نمبر: ٧٩٧٤، ناشر: مساعد الرسالت بيروت، ١٤٠٠هـ - ١٩٨٠ع.
(٢٧) صحيح البخاري، ڪتاب الاذان، باب شاهدي ۾ ويهڻ جي سنت، (١/١٦٥)، ناشر: شرح توق النجات، اول: ١٤٢٢هـ.
(٢٨) تحفيظ الڪمال از المازي، (٣٥٥/٣٥)، ترجمو نمبر: ٧٩٧٤.
(٢٩) تحفيظ الاسماء والليلة النبوي، (٢/ ٦٢٣)، ناشر: دار الفكر بيروت، پهريون: ١٩٩٦ع.
(٣٠) تحفيظ الڪمال از المازي، (٤٣٩/١٢) - العلم از الزرقلي، (٥/ ٢٧).
(٣١) تاريخ الاسلام از الذهبي، (١١٥١/٢)، ترجمو نمبر: ١٦٣، ناشر: دار الغرب الاسلامي، ص: ٢٠٠٣.
(٣٢) قلادة النحر في وفايت اعيان الدهر از الحجراني، (١/٥٠٦)، ناشر: دار المنهاج، جده، ١٤٢٨هـ - ٢٠٠٨ع.
(٣٣) سير عالم النبلاء از الذهبي، (٥٠٨/٤)، ناشر: مساعد الرسالہ، بيروت، ١٤٠٥هـ- ١٩٨٥ع.
(٣٤) التوحيد لشرح الجامع الصحيح از ابن الملقان، (١٠٣/٥)، ناشر: دار النوادر، دمشق، ١٤٢٩هـ - ٢٠٠٨ع.
(٣٥) فتح الباري از ابن حجر، (١/ ٤٢٠)، ناشر: دار المعرفہ، بيروت، ١٣٧٩هـ.
(٣٦) تحذيب التهذيب از ابن حجر، (١٢/ ٥١٣).
(٣٧) The Journey of the Noble Ones از الذهبي، (٥٠٩/٤) - ۾ ڪمال جو ڪمال از المازي، (٣٠٧/٣٥).
(٣٨) الابر في خبر من غبر از الذهبي، (١/ ٩٢)، ناشر: دار الكتب العلميہ بيروت.
(٣٩) قلادة النحر في وفية عيان الظهر از الحجراني، (١٢/٢).
(٤٠) الاِلال و معرفة الرجال از امام احمد بن حنبل، (٨٠/٣)، ناشر: المكتب الاسلامية بيروت، ١٤٠٨هـ-١٩٨٨ع.

مقالات سکندریہ:

# حضرت پیر سید محمد راشد کے مطالعے میں
# حضرت غوث اعظم قدس سرہما کی تصنیف ”فتوح الغیب“ کا مختصر جائزہ

حافظ محمد یوسف بھنبھرو سکندری

**ا. تعارف:**

”فتوح الغیب“ حضرت غوث اعظم، محبوب سبحانی، قطب ربانی، محی الدین سیدنا عبد القادر جیلانی قدس سرہ (۴۷۰ھ۔۵۶۱ھ) کی تصنیف شریف ہے۔ یہ علم تصوف و معرفت پر معرکۃ الاراء کتاب ہے جو مضامین قرآن و حدیث اور اسرار طریقت و معرفت سے معمور ہے۔ یہ کتاب ۷۸ مقالات پر مشتمل ہے، ہر مقالہ شریعت، طریقت، معرفت و حقیقت کا آئینہ دار ہے- حضرت غوث اعظم قدس سرہ نے یہ اٹھتر (۷۸) ارشادات، مقولات اور مواعظ مختلف مواقع پر ارشاد فرمائے. ان مقالات کا مطالعہ ایمان میں حرارت پیدا کرتا ہے، صحیح اعمال و عقائد کی عکاسی کرتا ہے اور تزکیہ نفس اور راہ طریقت و معرفت کی طرف رہنمائی کرتا ہے۔ فتوح الغیب ہر دور میں علماء و مشائخین کے مطالعے میں رہا ہے۔ سرزمین سندھ میں سلسلہ قادریہ راشدیہ کے موسس حضرت امام العارفین پیر سید محمد راشد روضہ دھنی قدس سرہ (۱۱۷۰ھ۔۱۲۳۴ھ) کے مطالعے میں ”فتوح الغیب“ کے درس اور مطالعے کے آثار موجود ھیں۔ اس مقالے میں فتوح الغیب کا تعارف اور پیر سید محمد راشد قدس سرہ کے استفادے اور مطالعے کا مختصر تعارف پیش کیا گیا ہے۔

**۲۔ تذکرہ سیدنا غوث اعظم قدس سرہ:**

قطب الاقطاب فرد الاحباب حضرت محی الدین ابو محمد عبد القادر الحسنی والحسینی قدس سرہ نجیب الطرفین ہیں۔ والدہ ماجدہ کی طرف سے حسینی اور والد گرامی کی جانب سے حسنی تھے۔ یہ شرافت و بزرگی بہت ہی کم بانصیب لوگوں کو حاصل ہوتی ہے۔ والد ماجد کا نام سید ابو صالح موسی

اور والدہ ماجدہ کا اسم گرامی ام الخیر فاطمہ بنت ابو عبداللہ صومعی الحسینی تھا۔ آپ جیلان یا گیلان میں یکم رمضان المبارک ۴۷۰ھ کو پیدا ہوئے۔ آپ مادر زاد ولی تھے۔

سیدنا غوثِ اعظم رضی اللہ عنہ، علم ظاہری اور باطنی کے ایک متبحر عالم فاضل تھے۔ کتاب و سنت کی پیروی میں مطابقت ایسی تھی کہ آپ ہر حالت میں ہر وقت اللہ تعالیٰ کا ذکر کرتے اور حضور قلب کے ساتھ توحید الٰہی میں مشغول رہتے۔ اخلاقِ کریمہ کے مجسمہ تھے۔ آپ کی مجلس وعظ میں چار سو اشخاص قلم دوات لئے آپ کی نصیحتیں قلمبند کرتے رہتے تھے۔ آپ نے فرمایا کہ ابتدائی زمانہ میں سرورِ عالم صلی اللہ علیہ وسلم اور سیدنا حضرت علی المرتضیٰ کرم اللہ وجہہ الکریم کو میں نے خواب میں دیکھا جنہوں نے مجھے وعظ کرنے کا حکم دیا اور میرے منہ میں اپنا لعاب دہن ٹپکایا اور مجھ پر ابواب سخن کھول دیے۔

آپ کا وعظ بڑا پر تاثیر ہوتا تھا۔ حاضرین مجلس مضطرب اور بے چین ہو جاتے اور ان پر وجد و حال کی کیفیت طاری ہو جاتی۔ آپ کی کرامات مشہور ہیں۔ آپ نے نوے سال کی عمر میں بتاریخ ۱۱ ربیع الآخر شریف ۵۶۱ھ مطابق ۱۱۸۲ء میں داعی اجل کو لبیک کہا۔ بغداد شریف میں آپ کا مزار مبارک مرجع خلائق ہے۔ آپ کا فیض اور سلسلہ آپ کے فرزندان اور خلفاء کے علاوہ آپ کی تصنیفات کے ذریعے عام ہوا۔ حضرت غوث اعظم کی تصانیف میں تفسیر الجیلانی، غنیت الطالبین، سر الاسرار، اوراد القادریہ، فتح الربانی اور فتوح الغیب مشہور ہیں۔

**۳۔ فتوح الغیب:**

حافظ ابن کثیر دمشقی رحمہ اللہ (۷۰۱ھ۔ ۷۷۴ھ) لکھتے ہیں: وقد صنف كتاب (الغنية)، و (فتوح الغيب).

"شیخ عبد القادر جیلانی رحمہ اللہ نے غنیۃ الطالبین اور فتوح الغیب نامی کتابیں تصنیف کی ہیں۔"

(۱) فتوح الغیب حضرت سیدنا عبد القادر جیلانی الحسنی والحسینی قدس سرہ کی نہایت بابرکت تصنیف ہے جو آپ کے اٹھتر عربی مقالات پر مشتمل ہے۔ فتوح الغیب کا ایک ایک مقالہ اور

ایک ایک حرف لطائف و معارف سے معمور اور اسرار و رموز کا بحر بے کنار ہے۔ سلسلہ عالیہ قادریہ شریف اور مشائخین سلسلہ کا مزاج اگر حقیقی معنوں میں سمجھنا ہو تو اس کتاب کا مطالعہ مستقل بنیادوں پر اپنے معمولات حیات کا حصہ بنا لینا چاہیے۔ فتوح الغیب بہت ہی لاجواب و بے مثال کتاب مبارک ہے جس سے قدیم و جدید بلکہ ہر دور کے علماء کرام نے اکتساب فیض کیا- بطور خاص شیخ محقق شاہ عبدالحق محدث دہلوی، شیخ عطاءاللہ گجراتی حتی کہ ابن تیمیہ جیسے متشدد اور تصوف کے ناقدین نے بھی اس کی شرح لکھی جو اس کتاب مبارکہ کے علمی مقام کو ظاہر کرتی ہے- فتوح الغیب علم تصوف و معرفت کے حقائق و معارف پر معرکۃ الاراء کتاب ہے- بنیادی طور پر یہ کتاب مبارک طالبان حق اور سالکان طریقت اور راہ حق کے متلاشیوں کیلئے مشعل راہ ہے۔

فتوح الغیب شریف میں کل ۸۱ مقالہ جات ذکر کئے گئے ہیں۔ یک مقدمہ اور ۷۸ مقالہ جات اس کتاب مبارک کا اصل ہیں اور ۳ مقالہ جات آپ کے صاحبزادے نے آپ کے وصال شریف کے احوال میں ذکر کئے ہیں-

فتوح الغیب کا ہر مقالہ معرفت و حقیقت کا آئینہ دار ہے۔ حضرت سیدنا غوث اعظم قدس سرہ نے ان مقالات میں کم و بیش ۱۴۷ قرآن مجید کی آیات اور ۵۴ احادیث مبارکہ کو بطور استدلال پیش فرمایا۔ اس کتاب مبارک کا بغور مطالعہ فرمائیں تو اس میں موجود مقالات کے عنوان بھی قرآن و سنت سے ماخوذ ہیں-مثلاً ’’التواصی بالخیر، فی الابتلاء، فی النھی عن حب المال، التسلیم لامر اللہ، فی الخوف و الرجاء، فی التوکل، دع مایریبک الی مالا یریبک، البغض فی اللہ، فی ذم الحسد، فی الصدق والنصیحہ، من شغلہ ذکری، فی التقرب الی اللہ تعالی، فی الزھد، فی عدم المنازعۃ فی القدر، فی قولہ تعالی کل یوم ھو فی شان‘‘ وغیرہ-

ان مقالات کے عنوان سے بھی اندازہ لگایا جا سکتا ہے کہ آپ نے طالب و سالک کی تربیت کیلئے جس نصاب کا انتخاب فرمایا وہ بے مثال و لاجواب ہے- جو بھی اسے عملی جامہ

پہنائے گا وہ یقیناً قرب و حضوری کی منازل کو پائے گا۔(۲)

**۴۔ فتوح الغیب کے موضوعات:**

فتوح الغیب میں حضرت غوث اعظم قدس سرہ کے مقالات کے مندرجہ ذیل موضوعات ہیں:

صفات مومن، راہ نجات، آغاز و انجام مومن، فنائے خواہشات کا ثمرہ، حقیقت دنیا، مخلوق سے بے تعلقی، احوال معرفت، قرب الاہی اور اس کے آداب، کشف و مشاہدہ، نفس اور اس کی کیفیات، معاشی تنگی میں مسلمانوں کا طرز عمل، مال و دولت، تسلیم و رضا، مقبولان بار گاہ، خوف و رجاء، توکل اور رزق حلال، واسطہ مرشد، ممانعت شکایت، ایفائے عہد، شکوک و شبہات، آزمائش مومن، مقسوم پر رضامندی، بار گاہ کریم سے پیوستگی، منازل ایمان، عظمت و جبروت، حقیقت خیر و شر، احوال سالک، تنگدستی اور کفر، مقام صبر، معیار محبت و عداوت، محبت الاھی کا مقام، انسانی مدارج، افعال خداوندی پر اعتراضات کی ممانعت، پرہیز گاری کا مقام، دنیا اور آخرت، حسد اور اس کے نقصان، صدق و نصیحت، شقاق و نفاق، گروہ اصفیا میں شامل ہونے کے آداب، فنا اور اس کی کیفیات، حالات نفس، غیر اللہ سے سوال کی ممانعت، عرفاء کی بعض دعاؤں کی عدم قبولیت کے اسباب، نعمت و آزمائش، ذکر خدا کی فضیلت، تقرب الی اللہ، مقامات فرائض و سنن، نیند اور بیداری، قرب و بعد، مقام زہد، نزدیکاں را بیش بود حیرانی، رضا و فنا، وصول الی اللہ کا طریق، ترک لذات، مراتب فنا، قبض و بسط، تمام اطراف سے صرف نظر، مصائب پر صبر اور نعمت پر شکر، ابتدا و انتہا، مراتب ورع و تقوی، محبت اور اس کے آداب، معرفت، زندگی جسے موت نہیں، قبولیت دعا میں تاخیر کی حکمتیں، کثرت دعا باعث رحمت ہے، جہاد بالنفس، کل یوم ھو فی شان، بار گاہ خداوندی سے سوال کے آداب، عبادات توفیق خداوندی کا نتیجہ ہیں، محب و محبوب، بازار میں داخل ہونے کے آداب، اولیاء اللہ نباض فطرت ھیں، کائنات کی ہر شے توحید خداوندی پر دلیل ہے، فقر اور تصوف کی حقیقت، تعلق باللہ

اور تعلق باخلق، طریقت کے اصول عشرہ اور آخری حکمت آمیز نسیحتیں ۔(۳)

**۵۔فتوح الغیب اور شیخ عبدالحق دہلوی:**

برصغیر پاک و ہند کو سب سے پہلے فتوح الغیب سے حضرت شیخ محقق عبدالحق محدث دہلوی قادری رحمہ اللہ (م ۱۰۵۲ھ) نے روشناس کروایا۔ حضرت شیخ عبدالحق دہلوی نے اس کا ایک نسخہ مکہ مکرمہ میں حضرت شیخ عبدالوہاب متقی القادری قدس سرہ کے پاس دیکھا اور واپسی پر ہندوستان میں ایک اور نسخہ بھی مل گیا۔ اس طرح آپ نے فتوح الغیب کے عربی متن کا فارسی ترجمہ اور شرح لکھ کر مکمل فرمایا۔ بعد ازاں اردو و دیگر زبانوں میں متعدد ترجمے ہوئے جن کی فہرست طویل ہے۔(۴)

۶۔پیر سید محمد راشد اور فتوح الغیب کا مطالعہ:

حضرت امام العارفین پیر سید محمد راشد روضہ دھنی قدس سرہ (۱۱۷۱ھ۔۱۲۳۴ھ) برصغیر میں سلسلہ قادریہ شریف کے عظیم مبلغ تھے اور آپ حضرت سیدنا غوث اعظم قدس سرہ کی تعلیمات، افکار و نظریات سے بخوبی واقف ہونے کے ساتھ ساتھ آپ کی تصنیفات سے بھی استفادہ فرماتے تھے۔ اس ضمن میں حضرت غوث اعظم قدس سرہ کی اس شاندار تصنیف فتوح الغیب کا آپ کے مطالعے میں ہونا اور اس کتاب مستطاب کے درس سے اپنے مریدین وسالکین کو مستفیض کرنے کے آثار آپ پر فتوح الغیب کے علمی وروحانی اثر کو واضح کرتے ہیں۔

حضرت مرشدی امام العارفین پیر سید محمد راشد قدس سرہ نے اپنے ایک ملفوظ شریف میں بارگاہ خداوندی عزوجل کے آداب سمجھاتے ہوئے حضرت غوث اعظم قدس سرہ کی اس تصنیف لطیف فتوح الغیب سے آٹھویں مقالے (المقالہ الثامنہ) کا حوالہ دیا ہے۔(۵)

حضرت غوث اعظم قدس سرہ نے فرمایا:

”اذا کنت فی حالت لا تختر غیرھا اعلیٰ منھا ولا ادنی، فاذا کنت علی باب الملک لا تختر الدخول الی الدار حتی تدخل الیھا جبر الا اختیارا۔۔“(۶)

”اے سالک! تم جس کیفیت یا حالت میں ہو اس سے اعلی یا ادنی کی آرزو مت کرو۔ جب تم شہنشاہ کے شاہی محل کے دروازے پر ہو تو اندر جانے کے بجائے اپنے آپ کو دروازے کا پاسبان سمجھو اور از خود اس میں داخل ہونے کا ارادہ نہ کرو، جب تک غیر اختیاری صورت میں تمہیں اس میں داخلے پر مجبور نہ کر دیا جائے۔“(۷)

**۷۔ حرف آخر:**

سالکان راہ حق اور بالخصوص سلسلہ عالیہ قادریہ شریف کے مریدین، متوسلین اور معتقدین کے لیے حضرت غوث اعظم قدس سرہ کی اس تصنیف شریف فتوح الغیب کا مطالعہ ضروری ہے۔ سندھ میں حضرت امام العارفین پیر سید محمد راشد قدس سرہ کے مطالعے میں اس کتاب کا ہونا اور اس کے درس شریف سے اپنے مریدین صادقین کو مستفیض کرنا اس کتاب کی اہمیت و خصوصیت کو اجاگر کرتا ہے۔

**ماخذ و مراجع:**

(۱) البدایۃ والنہایۃ: ص ۳۱۳۔ جلد ۱۲، طبع دار إحیاء التراث بیروت
(۲) جیلانی عبد القادر سیدنا: فتوح الغیب۔ ترجمہ راجا رشید محمود۔ فرید بوک اسٹال لاھور / جلالی ظہور احمد علامہ: شرح فتوح الغیب ۔ شیخ عبد الحق دہلوی ۔ صفہ اکیڈمی لاھور ۲۰۰۰ء / عبد الرحمان طارق: ترجمہ فتوح الغیب۔ مدنی کتب خانہ لاہور۔
(۳) فاروق القادری سید علامہ: ترجمہ اردو فتوح الغیب۔ تصوف فائونڈیشن لاہور ۱۹۹۸ء
(۴) دہلوی عبد الحق شیخ محقق: شرح فارسی فتوح الغیب۔ نشریات اسلامیہ
(۵) مجمع الفیوضات۔ ملفوظات روضہ دھنی۔ باب اول، فصل سوم
(۶) الجیلانی، عبد القادر سیدنا: فتوح الغیب، تحقیق دکتور جمال الدین فالح الگیلانی، مطبوعہ ڈھاکہ، بنگلہ دیش ۲۰۱۴ء

❋ ❋ ❋